سِنڌيِ



# ٻالَ ڀارتيِ

درجو پنجون



# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنسٿا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ٻ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

شڪشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر

پرش س / ١٥-٢٠١٤ / هہ / پاشا / منظوري / ډ ٥٠٥ / ١٨٥٣ / ٢٠١٥.١٤.٢٧

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.



## سِنڌي

# بال ڀارتي

## درجو پنجون

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پهريون ڇاپو : 2015
سڌاريل ڇاپو : 2022

© مهاراشٽرا راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل پُٺي - ٤١١٠٠٤
مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ ڏو رکي. منڊل جي ڊائريڪٽر جي لکيل اِجازت ڪانسواءِ هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڇپائي نہ ٿو سگهي.

**سنڌي ڀاشا سمتي :** ڊاڪٽر ديال ”آشا“ (سڀاپتي)
شري راڄڪمار آسودومل موهناڻي (ميمبر)
شري اَشوڪ ڪملداس مکتا (ميمبر)
شريمتي ميران مهيش گدواڻي (ميمبر)
ڪماري راڄيشري ڄيناند ٽيڪچنداڻي (ميمبر)
شريمتي ڪاجل انيل رامچنداڻي (ميمبر)
شري گووردن شرما ”گهايل“ (نيند ڏنل ميمبر)
شري وڄيہ راڄڪمار منگلاڻي (نيند ڏنل ميمبر)

**سنيوجڪ :** شريمتي ڪيتڪي ڄاني
(انچارج وشيش اڌڪاري - سنڌي)
**سنيوجن سهايہ :** شريمتي گيتا گٽيش ٺاڪر (ڪاپي رائيٽر-سنڌي)

**ٽائيپ سيٽنگ :** شريمتي شوڀا لعلچنداڻي - ممبئي
**چترڪار :** شريمتي براجني ري پٽي

**نرمتي :** شري سچيتانند آڦڙي (پرمک، نرمتي اڌڪاري)
شري سچن مهتا (نرمتي اڌڪاري)
شري نتن واڻي (نرمتي سهايڪ)

**پرڪاشڪ :** شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر
پاٺيہ پستڪ نرمتي منڊل،
پربادیوي، ممبئي - ٢٥.

**ڪاغذ :** ٧٠ جي.ايس.ايم.ڪريم وو
**ڇاپيندڙ :** M/s. Prabhat Printing Works, Pune
**پرنٽنگ آرڊر :** N / PB / 2015-16 / (1000)

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن ڪي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

# راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِنايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

# پرِتگيا

’ڀارت منھنجو ديش آھي. سڀ ڀارتواسي منھنجا ڀائر ۽ ڀينر آھن.

مونکي پنھنجي ديش لاءِ پيار آھي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آھي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رھندس.

مان پنھنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ ھر ڪنھن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنھنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رھندس. انھن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منھنجو سک سمايل آھي.‘

# پرستاونا

'ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قانون ٢٠٠٩' ۽ قومي 'سکيا ڍانچو ٢٠٠٥' کي نظر ۾ رکي راڄيه ۾ "پرائمري تعليم اڀياسڪرم ٢٠١٢" تيار ڪيو ويو. هن سرڪاري منظور ڪيل اڀياسڪرم موجب تعليمي سال ٢٠١٣ - ٢٠١٤ کان سنڌي وشيه جي درجي پهرين کان اٺين لاءِ نئين ٻال ڀارتي مالا شايع ڪرڻ جو ڪم پاٺيه پستڪ منڊل هٿ ۾ کنيو آهي. انهيءَ مالا موجب درجي پنجين جو ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

سکڻ ۽ سيکارڻ جي ڪارروائي ٻال مرڪزي هجي. عملي ڪمن ۽ گيان رچنا تي زور ڏنل هجي پرائمري تعليم جي سکيا جي ڪارروائي وڻندڙ ۽ مزيدار ٿئي اِهو نظريو ڌيان ۾ رکي هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي.

روزاني زندگيءَ ۾ ٿيندڙ گهٽنائن جو آزمودو ٻار پاڻ وٺي سگهي اِن نظريي کي سامهون رکي هن ڪتاب جي رچنا ڪئي وئي آهي. ڪتاب ۾ ديش ڀڳتي، پرياورڻ، پسگردائي جو غلاظتون، وڏن لاءِ آدر، گڏ ڪم ڪرڻ جي ڀاونا، قدرت جي هر جيوَ لاءِ پريم /ديا، هاٿوکي نئين تڪنيڪ جو اِستعمال اِنهن سڀني وشين تي پختي پڪڙ رکڻ لاءِ مذڪور ٿاهيو ويو آهي. جٿن ٻارن جي ننڍڙي اَوستا ۾ سنسڪارن جو بنياد مضبوط ٿئي. لفظي ڀنڊار وڌائڻ لاءِ اَٿڪ ڪوشش ڪئي وئي آهي. "اچو ته گيان وڌايون" اِن سِري زير علحديون منورنجڪ رانديون ڏنيون ويئون آهن. جٿن ٻار کلندي کلندي، راند ڪندي وندر جو مزو وٺن ۽ ساڳئي وقت نوان لفظ سکن، پنهنجي ڪلپنا شڪتي ۽ ويچار پيش ڪرڻ جي شڪتي وڌائين. وياڪرڻ سمجهائڻ ۾ وهنواري طريقو ڪم آندو ويو آهي. سبق جي پٺيان پورڪ اڀياس ڏنل آهي. جيڪو سبق جي اندرئين توڙي اُن کان وڌيڪ مسودي تي مدار رکندڙ آهي. پورڪ اڀياس ۽ ٻين مشغولين ۾ دل - و - جان سان ڀهرو وٺن اِن تي اڌياپڪ ضرور ڌيان ڏيندا.

سنڌي ڀاشا سمتي، نيند ڏنل ميمبرن ۽ چترڪار انهن سڀني جي گڏيل محنت سان هي ڪتاب تيار ٿيو آهي. هي ڪتاب معياري ۽ وڌ ۾ وڌ بي نقص ٿئي، ان لاءِ راڄيه جي الڳ الڳ ڀاڱن مان پرائمري اڌياپڪن ۽ تعليمي ماهرن کان هن ڪتاب جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي وئي آهي. سڀني آيل راين ۽ ويچارن جو سنڌي سمتي مناسب ڌيان رکندي، هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو آهي.

سنڌي وشيه ڪاميٽي ۽ واسطيدارن نقاد، ماهر، چترڪار انهن سڀني جو منڊل تهدل شڪرگذار آهي.

(چندرمڻي بورڪر)
سنچالڪ

**مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي**
**و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.**

پڻي :
تاريخ : ٢٠ جنوري ٢٠١٥

# فهرست


| نمبر | وشيه | ليکڪ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | پرارٿنا (بيت) | ڪشنچند ’بيوس‘ | 1 |
| ٢ | سچ جي جيت | .............. | 3 |
| ٣ | سِنڌوُ | ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي | 8 |
| ٤ | ڦل ڪيت ڪلن منهنجي ڀارت جا (بيت) | هيرو ٺڪر | 10 |
| ٥ | سياڻو وزير | اَشوڪ مُڪتا | 14 |
| ٦ | اُٿي پاڻ تي پاڙِ (بيت) | رام پاڱچنداڻي ’گيان‘ | 18 |
| ٧ | اَنمول زيور | ساون ڪمار ’اُداسي‘ | 20 |
| ٨ | شهيد رميش بدلاڻي | ڄيناند لالواڻي | 24 |
| ٩ | پيارو هندستان (بيت) | گووردن ’گهايل‘ | 26 |
| ١٠ | خط | .............. | 29 |
| ١١ | سنديشُ | .............. | 32 |
| ١٢ | سنت واڻي (بيت) | .............. | 37 |
| ١٣ | اِنسان دوست ڊاڪٽر | آسودومل موهناڻي | 39 |
| ١٤ | عضون جو جهڳڙو | .............. | 43 |
| ١٥ | ڦڙيءَ ڦڙي تلاءُ (بيت) | روشن گولاڻي | 46 |
| ١٦ | اَسان جو قومي ترانو | مينا گوپ رامچنداڻي | 49 |
| ١٧ | پرتگيا | ديپچند ٻيلاڻي | 52 |
| ١٨ | بهار (بيت) | گووردن ڀارتي | 56 |
| ١٩ | اَچ مان ڀڳوان سان مليس | .............. | 58 |
| ٢٠ | حقدار ڪير؟ | سوني مولچنداڻي | 61 |
| ٢١ | ٻاندر جي چترائي (بيت) | ساون ڪمار ’اُداسي‘ | 64 |
| ٢٢ | تُلسي ٻوٽو | .............. | 68 |
| ٢٣ | نيڪ اِرادو | وينا شِرنگي | 70 |
| ٢٤ | جاڳ مسافر (بيت) | .............. | 74 |
| ٢٥ | سَفيد هنس | منوهر نهلاڻي | 76 |
| ٢٦ | هولي آئي (بيت) | ڀڳوان نردوش | 79 |
| ٢٧ | نئين روشني | .............. | 81 |

# ١. پرارٿنا



اَسان جي حالَ تي هَردَمُ، سَڀاجها ڀاڄهہ پنهنجي ڪرِ.
ڀلارا! پالَ پنهنجي سان، اَسان جو پاندُ پالهو ڀَرِ.

ڀُلِيَلَ آهيون تہ تون پنهنجيءَ، ڪَلا سان راهہ روشن ڪرِ.
اَسان جو هِي قدم ڪَچڙو، سَنئين رستي تي سائين ڌَرَ.

چڱائيءَ ۽ مَدائيءَ جي، سچِي ساڃاهَہ صاحب ڏي.
ڀَلو ۽ بهتري جنهن ۾، سَدا سا شال پاڙيون ڀَرِ.

پَڙهون جيڪِي ڏَرِيون دِل تي، عَمَلُ ٿئي عِلمَ سان شامل،
نئِين سِر چاهُہ پيدا ٿَئي، فَضيلَت ۽ اَدَبَ خاطِر.

ڪَچيءَ ڪان ڪَرِ اَثر پيدا، اَسان ۾ خير خُواهيءَ جو،
دُنيا ۾ خَلق خِدِمت ڪان، نہَ پانيوُن بندگي بَهتر.

ڪَپي جيڪي گُهرؤُن توڪان، اَي ڏاتر ڏيهہ کي ڏيندڙ،
سَدا ڀَرپور ڀنڊاري، اَي داتا داد گرداور.

## نوان لفظ :

| | | |
|---|---|---|
| ڏٽي - پرپيو | سٻاجهو - دَيالوُ | ٻاجهہ - ديا، ڪرپا |
| پانڌُ - جهولي | پَرِ - عادت | علمُ - گيان، تعليم |
| فضيلت - سٺا لڇڻ | خير خُواهي - ڀلائي | خَلقَ - ماڻهو |
| خِدمَت - شيوا | اَدَبَ - آدَرُ عزت | ٻَندگِي - پوڄا، ڀڳتي |
| ڏاتر - داتا، ايشور | ڏيهہ - سَنسارَ جَڳُ | داد گرداور - اِنصاف ڪندڙ |
| ساڃاهہ - سَمُجهہ | ڪچيءَ ڪان - ننڍپڻ کان | |

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) اَسين مالِڪَ دَرِ ڪهڙي وينتي ڪَريون ٿا؟
۲) اَسان کي مالِڪَ ڪهڙي ساڃاهہ ڏني؟
۳) پڙهائيءَ سان گڏ اَسان ۾ ڪهڙا گُڻ اَچڻ گهرجن؟
۴) ٻَندگيءَ کان بهتر ڇا آهي؟
۵) شاعِرَ ايشور کي ڏاتر ڇو چيو آهي؟

**سوال ۲ : هيٺ ڏنل سٽون پوريون ڪريو.**

۱) اَسان جي حال .................. پالهو پر
۲) پڙهون جيڪي ............... اَدب خاطر

**سوال ۳ : ڏنل مِثال مؤجِبُ لَفظَ ٺاهيو :-**

مِثالُ : ڀَلو - ڀَلائي
ڇڱو، مَدو، سُنو

**سوال ۴ : هيٺين لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو :-**

وينتي، راهہ، عمل، دنيا

**هِدايت :** ماستر، شاگردن کي بيت سُرَ ۽ تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو.

**مشغولي :** ماستر، شاگردن کي ٻيا بہ ڪي پرارٿنا جا گيت گڏ ڪري ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ٢. سچ جي جيت



سيٺ اُتمچند هڪ وڏو واپاري هو. هُن جو ڪوئلي جو ڪاروبار هو. واپار ۾ جيئن جيئن ترقي ٿيندي ويئي، تيئن تيئن سندس اَهنڪار بہ وڌندو ويو. سيٺ اُتمچند جو هڪڙو ئي مقصد هئو تہ هوُ سڀني کان وڏيڪ شاهوڪار ٿئي. وقت گذرندي پنهنجو ڌنڌو وڌائيندو ويو. نيون زمينون وٺندو ويو.

جواهر نالي هڪ شخص سندس پاڙي ۾ اَچي رهيو. ٿورن ڏينهن اَندر ئي هُن سڀني پاڙيسرين جي دلين ۾ پنهنجي خاص جڳهہ جوڙي ورتي. سڀني سان عزت ڀريو ورتاءُ، ڪِلمڪُہ سڀاءُ ۽ سهڪار جي ڀاونا جهڙن گُڻن ڪري هو ناميارو ٿي ويو.

سيٺ اُتمچند کي اِها ڳالهہ بِلڪل نہ آئڙي هو مَن ئي مَن ۾ ساڙ پَڇ جي بنيءَ ۾ جلندو رهيو. هوُ موقعي جي تلاش ۾ رهندو هو تہ ڪيئن بہ مان جواهر جي ناموسي ختم ڪريان.

هڪ دفعي سيٺ اُتمچند پنهنجي بنگلي مان جيئن ٻاهر نڪتو تہ پاڙي جي ٻُڍڙي سندس ڪار سان ٽڪرائجي ڪِري پيئي. همدردي ڏيکارڻ بدران هوُ اَچي ٻُڍڙيءَ تي ڏمريو. ماڻهو اَچي گڏ ٿيا. جواهر کي جڏهن اِها خبر پيئي تڏهن هوُ ڊوڙندو آيو ۽ هُن اَچي ٻڍڙيءَ کي اُٿاريو. جواهر سيٺ اُتمچند کي عرض ڪيو تہ پنهنجيءَ ڪار ۾ ٻڍڙيءَ کي اِسپتال وٺي هلي. اُتمچند جي ڪنڌ ۾ ڪِلي هئي. صاف اِنڪار ڪندي چيائين ”هن ٻُڍيءَ اڳ ۾ ئي منهنجو گهڻو وقت اَجايو وڃايو آهي. هاڻي منهنجي ضروري ميٽنگ آهي. تون پاڻ کي شهر جو والي سمجهندو آهين. اِهي اَجايا ڪم وڃي تون ڪرِ.“

اِئين چئي جواهر کي اَجان بہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. جواهر چيس ”اُتمچند، ايڏو اَهنڪار نيڪ نہ آهي.“ جواهر جي اِنهن لفظن تہ جڻ باهہ لڳائي ڇڏي. هُن کي پنهنجي ذلت محسوس ٿي.

سيٺ اُتمچند سچو وقت جواهر کان بَدلو وٺڻ لاءِ سوچيندو هو. آخر هُنَ جي دماغ ۾ هڪ سازش اُڀري آئي. پوليس ۾ رپورٽ ڪري هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ جواهر کي ڦاسائي ڇڏيائين. اِها ڳالهہ سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي.

پوليس جواهر کي گرفتار ڪري وٺي ويئي. جواهر جي پاڙيوارن کان جڏهن پوليس جاچ ڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن سڀني ماڻهن جواهر خلاف لڳايل اِلزامن کي غلط ۽ ڪوڙو ٻڌايو. ڪورٽِ ۾ ڪيسُ هليو. جج کي بہ سچي ڳالهہ سَمُجهہ ۾ اَچي ويئي.



جج صاحب، اُتمچند کي ڪتهڙي ۾ گهرائي چيو ”مون اَوهانجي سموري ڳالهه ٻڌي آهي. مان فيصلو ڏيان اُن کان اَول اَوهين هڪ ڪم ڪريو. جيڪي لفظ اَوهان جواهر لاءِ چيا آهن، اُهي هڪ ڪاغذ تي لکي، ڪورٽ کان گهر ويندي، اُن جا ٽڪر ٽڪر ڪري رستي تي ڦِٽو ڪندا وڃجو، باقي سپاٽي ڳالهائينداسين...“

ٻئي ڏينهن سيٺ اُتمچند جج اَڳيان حاضر ٿي چيو ”جج صاحب! جيئن اَوهان ڪالهه مون کي چيو، مون اُن تي پورو پورو عمل ڪيو آهي.“ جج چيس ”هاڻي اَوهان پنهنجي سَزا ٻڌو، ڪالهه پني جا جيڪي ٽڪر اَوهان رستي تي ڦٽا ڪيا، اُهي سڀ گڏ ڪري سپاڻي ڪورٽ ۾ حاضر ٿِجو.“

اِهو ٻُڌي اُتمچند کان ڇرڪُ نِڪري ويو. چيائين ”جج صاحب! اِهو ڪيئن مُمڪن آهي؟ اُهي ٽُڪر تہ هوا ۾ اَلائي ڪٿي اُڏامي ويا هوندا. مان اُهي ڪيئن گڏ ڪري سگهندس؟ اِها سَزا تہ ڏاڍي ڏُکي آهي.“ جج وراڻي ڏيندي چيس ”اِهوئي مون کي ڪپندو هو. اَوهان جيڪو غلط اِلزام جواهر تي لڳايو ۽ اُها ڪوڙي ڳالهه سڄي شهر ۾ ڦهلائي ، جنهن سبب جواهر جي ساک تي جيڪا چوٽ رسي، اُها ڪيئن واپس ايندي؟“

سيٺ اُتمچند چيو ”جج صاحب! اَوهان مُنهنجون اَکيون کولي ڇڏيون آهن. مان پنهنجي غلطيءَ لاءِ ڪورٽ ۽ جواهر کان معافي گهران ٿو. مان خاطري ٿو ڏيان تہ زندگي ۾ اَهڙي غلطي وري نہ ڪندس.“ جج جواهر کان پڇيو ”توکي ڇا چوڻو آهي؟“ جواهر جواب ڏيندي چيو ”منهنجي مَنَ ۾ سيٺ اُتمچند لاءِ ڪوبہ ويرُ وروڌ نہ آهي. جيڪو ماڻهو دل سان پڇتاءُ ڪري ٿو اُن کي معاف ڪرڻ گهرجي. جج صاحب جواهر جي ڳالهه مڃي.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| ڪاروبار - واپار | ناميارو - مشهور | سازش - منصوبو |
| ڇرڪُ نِڪرڻ - وائڙو ٿيڻ | اِلزام - ڏوهه | خاطري - پڪ | وير - دشمني |

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) سيٺ اُتمچند جو ڪهڙو ڪاروبار هو؟

۲) اُتمچند جو مقصد ڇا هو؟

۳) جواهر سيٺ کي ڪهڙو عرض ڪيو؟

۴) جج اُتمچند کي ڪهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو؟

۵) جج اُتمچند کي ڪهڙي سزا ڏني؟

**سوال ۲ : جملن ۾ ڪم آڻيو.**

ڪَنڌ ۾ ڪِلي هڻڻ، باهه لڳائي ڇڏڻ، پُڇا ڳاڇا ڪرڻ، ڇرڪ نِڪري وڃڻ

**سوال ۳ : هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

شاهوڪار، عزت، سَزا، حاضر، غلط

**سوال ۴ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟**

۱) ”هن ٻيئيءَ اَڳ ۾ ئي منهنجو گهڻو وقت اَجايو وڃايو آهي.“

۲) ”اُتمچند، ايڏو اَهنڪار نيڪ نہ آهي.“

۳) ”اَوهان منهنجون اَکيون کولي ڇڏيون آهن.“

**هدايت :** ماستر شاگردن کي آکاڻيءَ مان ملندڙ نصيحت سمجهائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي نصيحت واريون ٻيون ڪهاڻيون گڏ ڪري ڪٽي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

۱) سبق جا پهريان ٻہ فَقرا ڏيان سان پڙهي هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :

i) پنج اِسم ڳولهيو.

ii) سيٺ اُتمچند ۽ جواهر جي سڀاءَ ۾ فرق آهي. توهان کي جواهر جو سڀاءُ ئي وڻيو هوندو. جواهر جي گڻن جي لسٽ تيار ڪريو. اِن ڪانسواءِ اِنسان ۾ ٻيا ڪهڙا گڻ هئڻ گهرجن. اُنهن جي اَلبم ٺاهي ڏيو.

۲) وڏو واپاري، اِهي ٻئي لفظ ساڳئي اَکر 'و' سان شروع ٿين ٿا. سبق مان اَهڙي نموني ساڳئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا لکو.

## مشغولي

**هيٺين لفظن ۾ اَڻ ٺهڪندڙ لفظن مٿان گول پايو. هڪ مثال توهان جي لاءِ ڏنل آهي.**

**مثال :-** مڪمل، پورو، سمورو، اَڌورو

١) مرڪب، اَڪيلو، گڏيل، مليل

٢) جون، آگسٽ، آڪٽوبر، آرتوار

٣) منتري، راجا، بادشاهه، حاڪم

٤) مٿاڇاري، اَجنبي، مٽ مائٽ، عزيز

٥) سياڻو، سمجهو، مورک، ڀڙيمان

٦) پندرهان، ويهه، چوٿون، سنتيهه

٧) ڪلو، چار، پاءُ، اڌڪلو

٨) طوطو، ڪبوتر، ٻدڪ، هاٿي

٩) سياڪپ، اوُنو، سنائي، گهرائي

١٠) سج، چنڊ، آفتاب، سورج

١١) مقدار، ايراضي، مفاصلو، ڪلوميٽر

١٢) لئبرري، پستڪ، ڪتاب، پوٿي

١٣) طاقتور، شڪتيشالي، ٻلوان، هيڻو

١٤) چندرمان، تارو، چنڊ، ماهتاب

١٥) گرام، ڪلوگرام، ملي گرام، ميٽر

١٦) ديگڙو، سِپري، ٻاٽِلو، چمچو

---

## ماٺ ۾ پڙهو

چوندا آهن تہ تلوار جو گهاءُ ڇٽي سگهي ٿو پر زبان جو گهاءُ مٽجي نہ ٿو سگهي. جيئن ڪمان مان نڪتل تير واپس نہ ٿو اچي، تيئن زبان مان نڪتل ڪڙا ۽ ڦڪري اَکر واپس ڪونہ ٿا ورن. اَسين اِنسان آهيون، اَسانکي ٻڌي آهي، عقل آهي، دِل آهي، دماغ آهي. اَسانکي سمجهڻ گهرجي تہ جوش، جوش سان ڏيرو ٿي ڪونہ سگهندو. تِڪا اَکر، موت ۾ تِکا اَکر ڳالهائڻ سان مِٽجي نہ سگهندا. اِن هوندي بہ جيڪڏهن ٿورو ئي ڪير اَڻوڻندڙ چوي ٿو يا اَهڙو ڪجهہ اُلٽو ڳالهائي ٿو تہ جلد ئي اَسانجو دماغ گرم ٿي وڃي ٿو. اَسين بہ جوش ۾ اَچي وڃون ٿا، سُڌٻڌ وڃائي مريادا جا ليڪا لنگهي، هڪ حرف جي موٽ ۾ ڏهہ حرف ٻوليون ٿا. اُلٽو اُبتو، اَڏنگو ورتاءُ ڪريون ٿا ۽ پنهنجي من کي اَشانت ڪريون ٿا.

پر جيڪڏهن اَسين اِن حالت ۾ صبر جي اوٽ وٺنداسين تہ جهڳڙو وڌندو ئي ڪونہ. من جي شانتي بہ قائم رهندي. صبر جي شمشير سان اَڳلي جي رسايل رنج کي بہ قتلام ڪري سگهنداسين.

اِنسان جو سُٺي ۾ سٺو دوست بہ زبان آهي تہ خراب ۾ خراب دشمن بہ زبان آهي.

اِنڪري زبان مان حرف ڪڍڻ وقت سوچي سمجهي ڪڍڻ گهرجن.

# وياڪرڻ

## اِسم جا قسم

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

١) هماليہ اوُچو جبل آهي.
٢) تاپي اولهہ طرف وهندڙ ندي آهي.
٣) اَميت ڊگهو ڇوڪرو آهي.
٤) مُمبئي وڏو شهر آهي.
٥) سنيتا هوشيار ڇوڪري آهي.

متين جُملن ۾ هماليہ، تاپي، اَميت، مُمبئي ۽ سنيتا اِهي **اِسم خاص** جا مثال آهن.

١) **اِسم خاص :** اُهو لفظ جيڪو ڪنهن خاص ماڻهوءَ، جانور، جاءِ يا شيءِ جي نالي جي ڄاڻ ڏئي، تنهنکي **’اِسم خاص‘** چئجي ٿو.

ساڳئي وقت متين جملن ۾ جبل، ندي، ڇوڪرو، اِهي **اِسم عام** جا مثال آهن.

٢) **اِسم عام :** اُهو لفظ جيڪو ڪنهن قسم جي شين جي ڄاڻ ڏئي تنهنکي **’اِسم عام‘** چئجي ٿو.

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

١) سَچائي تہ رام جي.
٢) ڪاوڙ اِنسان لاءِ نقصانڪار آهي.
٣) ڏٺي ٿل ڪنهنکي غريبي نہ ڏئي.
٤) ٻار جي ڪِلَ موهيندڙ هوُندي آهي.

متين جُملن ۾ ’سچائي‘، ’ڪاوڙ‘، ’غريبي‘ ۽ ’ڪِل‘ اِهي لفظ **اِسم ذات** جا مثال آهن.

**اِسم ذات :** اُهو اِسم جنهنکي ڏسي يا ڇُهي نہ سگهجي پر محسوُس ڪري سگهجي اُنکي **اِسم ذات** چئجي ٿو.

**اِسم ذات ٺاهڻ جا ڪُجهہ طريقا :** هيٺيان اَکر گڏڻ سان **اِسم ذات** ٺاهي سگهجي ٿي.

١) تائي : گهٽ - گهٽتائي، پوتر - پوترتائي، ٻچتو - ٻچتائي.
٢) آپو : ٻُڍو - ٻُڍاپو، جيئڻ - جيئاپو، ناراض - ناراضپو
٣) آپ : ڏاهو - ڏاهپ، سياڻو - سياڻپ، ٻَٽڻ - ٻَٽپ.
٤) پڻ : ننڍپڻ، ٻال - ٻالپڻ.
٥) اي : آباد - آبادي، اُداس - اُداسي، خوُش - خوُشي، ايماندارُ - ايمانداري.
٦) اَڪ : بيهڻ - بيهڪ، سائو - ساوَڪ، ويهڻ - ويهڪ
٧) يت : اِنسان - اِنسانيت، واقف - واقفيت، حيوان - حيوانيت.
٨) اِش : پيدا - پيدائش، رنج - رنجش، آزمائڻ - آزمائش
٩) تا : سندر - سندرتا، ڪومل - ڪوملتا
١٠) هٽ : گهبرائڻ - گهبراهٽ
١١) وٽ : سجائڻ - سجاوٽ

# ٣. سِنڌُو



'سِنڌُو' اصل ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي؛ جيڪو سنسڪرت لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي 'سمنڊ'. گهڻو اَڳ جڏهن آريا سنڌ ڏانهن آيا ته اُنهن سِنڌُو نديءَ جي وشالتا ڏسي سمجهيو ته اُهو سمنڊ آهي ۽ اُن کي 'سِنڌُو' ڪري سڏيو. پوءِ خبر پيئي ته اُهو سمنڊ نه پر هڪ ندي هئي ۽ اُن تي نالو پئجي ويو 'سِنڌُوندي' ۽ اُن جي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهن کي پڻ 'سِنڌُو' ڪري سڏيو ويو.

عيسوي سن کان 515 سال اڳ ايران جي بادشاه دارا، سنڌ تي حملو ڪري اُن کي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو. ايراني ماڻهو جيئن ته فارسي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا ۽ اِن ٻوليءَ ۾ 'س' حرف ئي ڪونه آهي؛ تڏهن اُنهن 'سنڌو' کي 'هندو' ڪري چيو ۽ هن پوري خطي کي هندن جي رهڻ جو اِستان 'هندوستان' سڏيو ويو. ڏيڍ صدي پوءِ يوناني حملي آورن، سڪندر اعظم جي اَڳواڻيءَ ۾ سنڌ فتح ڪئي ته اُنهن وري 'سِنڌُو' کي 'اِندو' ڪري سڏيو ۽ 'سنڌو ندي' کي پڻ 'اِنڊس' چيو ويو.

سِنڌُو ماٿريءَ جي تهذيب، قديم مصر ۽ ميسوپوٽاميا کان به وڌيڪ پراچين ڪري ليکي ويندي آهي. 478ع ۾ اُتي راءِ گهراڻي جي ٻوڌي حڪومت شروع ٿي، جيڪا 622ع ۾ هندو سنڌي بادشاه ڇچ جي حوالي ٿي.

ڇچ، برهمڻ خاندان سان تعلق رکندڙ هئو؛ جنهن جي دور ۾ سنڌ جون حدون اُتر ۾ ڪشمير، اولهه ۾ مڪران، اوڀر ۾ ڪڇ ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين ڦهليل هيون. اُن مهل سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ 'اَروڙ' هئو. ڇچ کان پوءِ اُها بادشاهت سندس فرزند ڏاهر جي هٿ هيٺ آئي.

راجا ڏاهر جيتوڻيڪ ڏاڍو بهادر ۽ اعليٰ ڪردار جو اِنسان هئو. پر ڪيترائي ڀيرا عرب حملاورن کي معافي ڏيڻ سبب آخر 711ع ۾ ڪيس هڪ عرب سپه سالار محمد بن قاسم سان جنگ ۾ بچاءُ ڪندي شهادت ملي. اُن دور کان وٺي نه فقط سنڌ، پر پوري هندوستان ۾ اِسلام جي آمد ٿي.

1947ع ۾ مذهب جي بنياد تي ڪيل ورهاڱي مهل آزادي حاصل ڪرڻ جي قيمت تي سنڌ جو سمورو صوبو پاڪستان کي ڏنو ويو؛ پر هندو سنڌين جو وڏو تعداد جڏهن هندوستان جي مختلف حصن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري آيو ته اَسان سنڌين جي پراچين سڀيتا کي عزت ڏيندي 'سنڌ' لفظ کي هندوستان جي قومي تراني ۾ محفوظ رکيو ويو ۽ اسان جي منڙي سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري تسليم ڪندي 10 اپريل 1967ع تي اُن کي هندوستان جي هڪ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو.

**نوان لفظ :**

فرزند - پٽ | سمورو - سڄو | حرف - اَکر | اعليٰ - اوچ

تسليم ڪرڻ - منظور ڪرڻ | تعلق - رشتو | آمد - آمدني | فتح - جيت

صوبو - پرانت | مذهب - ڌرم | شهادت - قرباني

حملو ڪرڻ - ڪاهه ڪرڻ | مختلف - اُبتڙ | محفوظ - سنڀالي رکڻ

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا هڪ هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ”سِنڌوُ“ لفظ جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟
٢) ڪهڙي بادشاهه سنڌ کي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو؟
٣) سِنڌوُ نديءَ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان به سڏيو ويو؟
٤) راجا ڏاهر کي شهادت ڪيئن ملي؟
٥) سنڌي ٻوليءَ کي هندوستان جي هڪ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڪڏهن ڏنو ويو؟

**سوال ٢ : هيٺين ۾ خال ڀريو :**

١) ايراني ماڻهو ........ ٻولي ڳالهائيندڙ هئا.
٢) ............. ماڻريءَ جي تهذيب، قديم مصر ۽ ميسوپوٽاميا کان به وڌيڪ پراڻين ڪري ليکي ويندي آهي.
٣) ڇچ، ........ خاندان سان تعلق رکندڙ هئو.
٤) راجا ........... ڏاڍو بهادر ۽ اعليٰ ڪردار جو انسان هئو.

**سوال ٣ (الف) : هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.** حملو، پراڻين، بهادر، شهادت، عزت

**(ب) : ضد لکو.** اَڄ، بهادر، معافي، قديم.

**سوال ٤ : هيٺين لفظن مان اِسم ذات ڇانٽيو.** ١. ڦهليل ٢. بَهادُر ٣. مِنو ٤. سرڪار ٥. قديم

**مشغولي :** ماستر صاحب شاگردن کي سنڌُ جي ڪن به ٻن ناميارن شاعرن ۽ ليکڪن جي ڄاڻ ڪٺي ڪري اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١) سبق ۾ مصر ۽ ميسوپوٽاميا اِنهن قديم ملڪن جا نالا ذڪر ٿيل آهن.

مصر جو هاڻوڪو نالو ايجپٽ آهي ۽ ميسوپوٽاميا کي هاڻي عِراق سڏيندا آهن. اَچو ته اهڙي نموني وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريون.

| قديم نالو | هاڻوڪو نالو | قديم نالو | هاڻوڪو نالو |
|---|---|---|---|
| اَبيسينيا | اِٿوپيا | اُتر روڊيشيا | زئمبيا |
| سيلون | شري لنڪا | پرشيا | ايران |
| ڏکڻ روڊيشيا | زم بابوي | سيام | ٿائلئنڊ |

ملڪن جي نالن ۾ ته توهان تبديل ڏٺي. اَسان جي ڀارت ديش ۾ پڻ ڪيترن ئي مکيه شهرن جا نالا بدلايا ويا آهن. اَڏياپڪن، مٽن مائٽن ۽ دوستن کان مدد وٺي اَهڙي ڄاڻ حاصل ڪري خاڪو تيار ڪريو.

٢) سنڌيءَ شاعريءَ ۾ شاهه، سچل، سامي جي تِڪ مورتي، سِرمور ليکي ويندي آهي. موجوده دؤر ۾ ڪشنچند بيوس، پرسرام ضيا، هوندراج دکايل، ڄينمل پرسرام، پرمانند ميوارام، لعلسنگهه اَجواڻي جهڙن اَديبن ساهتيه جا ڳهڙا ڀريا آهن. سنڌي ساهتيه جي شيوا ڪندڙ اهڙن ٻين ساهتيڪارن جي يادداشت تيار ڪريو ۽ اُنهن جي ڇپيل ڪتابن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جو نالو اُن يادداشت ۾ لکو.

# ۴. شل کيت کِلَنِ مُنهنجي ٻارت جا

شل کيت کِلَنِ مُنهنجي ٻارت جا

۱. سادا سوُدا پورهيت هاري،
سُکِ نہ سُمهيا جي جيوتِ ساري،
سي شاد ٿين،
آباد ٿين،
وري باٻَ وَرَنِ تِن جي قسمت جا، شل ....

۲. هر شاخ تي رَسَ سنچار ٿئي
پِڙ پانگن منجهہ بهار ٿئي
ٽاريون ٿهِڪنِ
گُلڙا مَهِڪن،
رَبُ مينهن وسائي رحمت جا، شل ....

۳. سُنيون سَبِزيون ڦَل ۽ ڦول ٿين
اَڄُ وري پَليرا فَصُلَ ٿين
مَهِنگائي هٽي
سَهنگائي اَچي
پورهيا ٿاب پَوَنِ هَرِ پورهيت جا، شل ....

۴. ڏُکڙن جا پون پهاڙ ڪِري
۽ اَچن خوشين جا ميڙ مِڙِي
جهومن ڳائين
خوش ٿي ڪائين
سَڀُ منڙا ميوا محنت جا، شل ....



## نوان لفظ :

پورهيتَ - محنت ڪندڙ | باب وَرَنِ - سُنا ڏينهن اَچن | يَڙِ يانگ - اُجڙيل
پَليرا - سُنا | رحمت - مهر، ٻاجهه | شاد - خوش
ٿاب پون - سڳل ٿين

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) ڪوي ڪنهنجي آباد ٿيڻ جي پرارٿنا ڪري ٿو؟
۲) رب جي رحمت سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال ۲ : شاعر بيت ۾ ڪهڙي شيِ ڪامنا پيش ڪئي آهي؟**

**سوال ۳ : هيٺين ۾ خال ڀريو :-**

۱) سڪر نه سمهيا جي ........ ساري.
۲) اَڄ وري ........ فصل ٿين.
۳) جهوُمن ٻائين ........ تي ڪائين.

**سوال ۴ : هيٺين لفظن جا ساڳئي اُچار وارا لفظ لکو.**

هاري، ٿڪن، مهنگائي، ٻائين

**سوال ۵ : بيت جون سٽون پوريون ڪريو.**

۱) هر شاخ تي ................ بهار ٿئي.
۲) ڏکڙن جا ................ ميڙ مڙي.

**هدايت :** ماستر شاگردن کان بيتُ سُر ۾ چوائيندو.

**مشغولي :** ۱. ماستر شاگردن کي اَلڳ اَلڳ پورهيو ڪندڙن جي ياداشت ناهڻ لاءِ چوندو.
۲. هيٺ ڏنل فصلن کي خريف ۽ ربيع فصلن ۾ ورهايو.
چانور، ڪڻڪ، جوئر، ڪپهه، سٽي، داليون، ٻاجهري، ڪمند، چانهه

L46B8P





## بيت ماٺ ۾ پڙهو.



منهنجا منڙا درخت پياءُ
مونکي تو ۾ آ ويساهہ

گرميءَ کان ٿو راحت بخشين
هير ٺڏيءَ جو ملي هڳاءُ
منهنجا منڙا درخت پياءُ

ڌُڏ رکين ماحول سدائين
ڪرين صحت جو سدا بچاءُ
منهنجا منڙا درخت پياءُ

ڦول بہ ڏين ٿو قسمين قسمين
ڪرين سونهن جو اِئين نماءُ
منهنجا منڙا درخت پياءُ

ڦل مندن ۾ ڪيڏا ڏين ٿو
ڪين رکين ڪجهہ پنهنجي لاءِ
منهنجا منڙا درخت پياءُ
منهنجا منڙا درخت پياءُ
مونکي تو ۾ آ ويساهہ

# اَچو تہ گيان وڏايون

هيٺ ڪجهہ ڪم ڏنل آهن ٻڌايو تہ توهان جي گهر ۾ اُهي ڪم ڪير ڪندو آهي. ✓ ۽ ✗ نشانيون ڪم آڻي جاچ ڏيو.

| ڪم | مان | پيءُ | ماءُ | ڏاڏو | ڏاڏي | ٻيو ڪو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪپڙا ڌوئڻ | | | | | | |
| باغ ۾ گهمائڻ | | | | | | |
| آکاڻي ٻڌائڻ | | | | | | |
| ڀاڄيون آڻڻ | | | | | | |
| بازار مان سامان وٺي اَچڻ | | | | | | |
| گهر جي صفائي ڪرڻ | | | | | | |
| گهرو ڪم ۾ مدد ڪرڻ | | | | | | |
| لائيٽ ۽ پاڻيءَ جو بل ڀرڻ | | | | | | |
| کاڌو رڌڻ | | | | | | |
| بٽڻ ٽاڪڻ | | | | | | |
| اِسڪول جو گهرو ڪم ڪرڻ | | | | | | |

هاڻي توهين ٻڌايو تہ وڌ ۾ وڌ ڪم ڪندڙ ڪير آهي؟ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪم ڪندڙ ڪير آهي؟
توهين پاڻ ۾ ڪهڙي تبديل آڻڻ چاهيو ٿا؟ اِن بابت چار پنج جملا لکو.

# ٥. سياڻو وزير





گجرات ۾ راجا اَمرسِنگهه ڪافي مشهور هو. هوُ پرجا ۾ پيارو هو. وزير چندرسين راجا جو خاص گهڻ گهرو هو. منجهس پرجا سان پيار، سچائي، اِنصاف ڪرڻ ۽ اِنتظام جهڙا گُڻ موجود هئا. هوُ سڄي راڄ ۾ پنهنجي سياڻپ ۽ حاضر جوابيءَ لاءِ ناميارو هو. راجا حڪومت هلائڻ لاءِ چندرسين کان صلاح وٺندو هو.

هڪڙي دفعي راجا پنهنجي راڻيءَ لاءِ هڪ قيمتي هار ٺهرايو. راڻي به هار کي ڏسي گدگد ٿي. سيئي راڻيءَ جي هار جي ساراهه ڪرڻ لڳا. پر اُها خوشي جلد اُڏامي ويئي. هارَ جي چوري ٿي ويئي. اوچتو هار غائب ٿيل ڏسي محلات ۾ وڏو مانڌاڻ مچي ويو.

راڻيءَ جي مايوسي ڏسي راجا هڪدم سياڻي وزير چندرسين کي گهرايو. چندرسين چيو، ”مونکي شَڪُ آهي تہ هار ڪنهن درٻاريءَ چورايو آهي. مان توهانکي جلد چور جو پتو ڳولهي ڏيندس.“

اُن وقت ئي چندرسين راڄ درٻارين کي گُهرايو. کين چيائين، ”منهنجو سياڻو گهوڙو چور کي پڪڙيندو. سڀ درٻاري محل جي پرسان ٺهيل تنبوءَ ڏانهن هلو.“ راجا حيران ٿي پڇيو، ”مهامنتري گهوڙو ڪيئن چور کي پڪڙيندو؟“ چندرسين وراڻيو، ”هرهڪ درٻاري اَڪيلو تنبوءَ اَندر ويندو ۽ گهوڙي جي پُڇ جي وارن کي ڇُهندو. جيڪو چور هوندو، گهوڙو اُن کي لت هڻي ٻاهر ڦٽو ڪندو. بروقت ئي چور جي ڄاڻ پئجي ويندي.“ راجا کي چندرسين جي قابليت تي وشواس هو. چندرسين جي تجويز موجب سڀ درٻاري هڪ هڪ ڪري تنبوءَ اَندر ويا. پر گهوڙي تہ ڪو ٻوٿو ڪونہ ٻاريو. چندرسين چيو، ”مهاراج! اَوهين فڪر نہ ڪريو. گهوڙي مونکي ڪن ۾ ٻُڌائي ڇڏيو آهي. اِجهو مان چور کي ظاهر ٿو ڪريان.“ چندرسين درٻارين کي چيو، ”توهان سڀ قطار ۾ بيهو.“ چندرسين هرهڪ درٻاريءَ جا هٿ سِنگهڻ لڳو ۽ آخر هڪ درٻاريءَ کي پڪڙي چيائين، ”ملي ويو چور، مان دعويٰ سان ٿو چوان تہ هي چور آهي. هن وٽ ئي قيمتي هار آهي.“ سچ پچ اُهو درٻاري شِشدرُ ٿي راجا جي پيرن تي ڪِري پيو ۽ نيزاري ڪري چوڻ لڳو، ”مهاراج! مونکي معاف ڪريو. مون کان وڏي ڀُل ٿي ويئي آهي. مان گنهگار آهيان.“ سڀ درٻاري حيران ٿي ويا. راجا، چندرسين کي چيو، ”مهامنتري، واعدي موجب توهان چور تہ پڪڙي ڏنو، پر ڪيئن؟“ چندرسين چيو، ”طاقت کان عقل وڏو آهي. مون گهوڙي جي پُڇ تي عطر لڳائي ڇڏيو هو، چور ڊپ وچان گهوڙي

جي وارن کي هٿ ئي نہ لڳايو. ٻين درٻارين جي هٿن مان مونکي عطر جي خوشبوءِ پئي آئي، پر چور جي هٿن مان ڪابہ خوشبوءِ نہ آئي. چور پڪڙجي پيو.`` راجا وزير جي عقل کي داد ڏنو. ٻيا سڀ درٻاري بہ سندس واه واه ڪرڻ لڳا.



**نوان لفظ :**

گھٽگھرو - خيرخواھ
قيمتي - مُلھائتو
نيزاري ڪرڻ - مِنت ڪرڻ
تجويز - رٿا
گنھگار - ڏوهي
پرجا - جنتا
دعوي - خاطري، پڪ
حيران - وائڙو
غائب - گُم
واه واه ڪرڻ - ساراه ڪرڻ
حاضرجوابي - تُرت جواب ڏيڻ
شِشدرُ ٿيڻ - پشيمان ٿيڻ
قابليت - لياقت
مايوسي - اُداسي

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) وزير چندرسين ۾ ڪهڙا ڳُڻ هئا؟
۲) راجا اَمرسنگھہ پنهنجي راڻيءَ لاءِ ڇا ٺهرايو؟
۳) محلات ۾ مانڌاڻ ڇو مچي ويو؟
۴) هار ڳولهڻ لاءِ وزير درٻارين کي ڇا چيو؟
۵) چندرسين هرهڪ درٻاريءَ جا هٿ سنگھڻ ڇو شروع ڪيا؟

**سوال ۲ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

۱) ”مون کي شَڪُ آهي تہ هارُ ڪنهن درٻاريءَ چورايو آهي.``
۲) ”مَهامنتري، گھوڙو ڪيئن چور کي پڪڙيندو؟``
۳) ”مهاراج! مون کي معاف ڪريو.``

**سوال ۳ : هيٺيان اِصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو.**

مانڌاڻ مچڻ، شِشدرُ ٿيڻ، نيزاري ڪرڻ، واه واه ڪرڻ، ٻوٿو ٻارڻ

**سوال ۴ : هيٺيان خال ڀري جُملا پورا ڪريو.**

۱) ........ ۾ راجا اَمرسنگھہ جو نالو ڪافي مشهور هو. (مهاراشٽر، گجرات، ڪرناٽڪ)
۲) پر گھوڙي تہ ڪو ........ ڪونہ ٻاريو. (رنگ، بلب، ٻوٿو)
۳) وزير چندرسين راجا جو خاص ........ هو. (وزير، گھٽگھرو، پيارو)
۴) مان ........ سان ٿو چوان، تہ هيءُ چور آهي. (دعوي، پڪ، وشواس)
۵) سڀ درٻاري ........ ٿي ويا. (پريشان، حيران، خوش)

**هدايت :** ماستر شاگردن کي عقلمنديءَ بابت ٻيو مثال ٻڌائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي اِها ڪهاڻي پنهنجن لفظن ۾ گھران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

L4F7AC

## پورڪ اَڀياس

**۱) صحيح جملي لاءِ ✓ نشان ڪريو :**

**i) الف)** راجا پنهنجي راڻيءَ لاءِ بنگلو ٺهرايو. ☐

**ب)** راجا پنهنجي راڻيءَ لاءِ قيمتي هار ٺهرايو. ☐

**پ)** راجا پنهنجي راڻيءَ لاءِ ريشمي وڳو ٺهرايو. ☐

**ڀ)** راجا پنهنجي راڻيءَ لاءِ وڏو رٿ ٺهرايو. ☐

**ii) الف)** راجا اَمرسنگهه مهاراشٽر جو راجا هو. ☐

**ب)** راجا اَمرسنگهه ڪرناٽڪ جو راجا هو. ☐

**پ)** راجا اَمرسنگهه گجرات جو راجا هو. ☐

**ڀ)** راجا اَمرسنگهه راجستان جو راجا هو. ☐

**iii) الف)** وزير جو نالو اندرسين هو. ☐

**ب)** وزير جو نالو نريندرسين هو. ☐

**پ)** وزير جو نالو راجيندرسين هو. ☐

**ڀ)** وزير جو نالو چندرسين هو. ☐

**iv) الف)** طاقت کان عقل وڏو آهي. ☐

**ب)** طاقت کان نالو وڏو آهي. ☐

**پ)** طاقت کان دماغ وڏو آهي. ☐

**ڀ)** طاقت کان پئسو وڏو آهي. ☐

**۲) ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو :**

۱) راجا اَمرسنگهه پرجا ۾ ........ هو. (دلارو، پيارو، نيارو)

۲) منهنجو سياڻو ........ چور کي پڪڙيندو. (هاٿي، اُٺ، گهوڙو)

۳) راجا وزير جي عقل کي ........ ڏنو. (دادُ، مانُ، سمان)

۴) مون گهوڙي جي پڇ تي ........ لڳائي ڇڏيو هو. (تيل، سٽيپ، عطر)

**۳) پاٺ مان اُهي لفظ چونڊيو، جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اِي' ڪم آندل هجي.**

مثال : سچائي

## مشغولي

ماستر شاگردن کي ڏنل چتر ڌيان سان جاچڻ لاءِ چئي. فرق جون ڳالهيون ٻُڌائڻ لاءِ چوندو.

.١



.٢



# ٦. اُٺي پاڻ تي پاڙِ



١. پِرنُ پڪو تون ڪري هيڪر،
اُٺي پاڻ تي پاڙِ.

٢. پاڙڻ ٻئي تي آهه نه بهتر،
تون پنهنجو ٻوٽو ٻارِ.

٣. شڪتي تو ۾ آهه اِلاهِي،
جنهنجو ناهي پارُ.

٤. مليو آ جيون نيڪ ڪرم لئہ،
تون بڻجي نيڪ ڏيڪار.

٥. جيڪو ڪَمُ اَچي تو سامهون،
ڪَرِ نہ اُنهيءَ کان عارُ.

٦. محنت جو ڦل ملٺو آهي،
ڌِيرجُ پنهنجي دِلِ ۾ ڌارِ.

٧. پرشارٿ جِن ڪيو آ دِلِ سان،
تِن ڪيو آ دَيشَ - اُڌارُ.

٨. رِشِي ديانند، سُڀاش، شاستري،
هئا سي قومي روشن مُنار.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| پرڻُ - اِنجام، اِرادو | ياڙُ - مَدارُ رَکڻ | عارُ - اِنڪارُ |
| پُرشارتُ - هِمٿ | ٻوٽو ٻارڻُ - اُدمُ ڪرڻ | پارُ - حساب |
| ڌيرَجُ - صَبرُ | روشن مُنار - سونهون | |

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) اَسانکي جيون ڇا لاءِ مليو آهي؟

٢) شاعر اَسان کي ڌيرج ڌارڻ لاءِ ڇو چوي ٿو؟

٣) ديش جو اُڌار ڪنهن ڪيو آهي؟

٤) شاعر روشن منار لفظُ ڪهڙن مهاپُرشن لاءِ ڪم آندو آهي؟

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) پرن پکو تون | الف) آهه اِلاهي |
| ٢) شڪتي تو ۾ | ب) نيڪ ڏيکار |
| ٣) تون ٻڌجي | پ)ڪيو آ دل سان |
| ٤) پرشارت جن | ڀ) ڪري هيڪر |

**سوال ٣ : هيٺ ڏنل بيت جون سٽون پوريون ڪريو :**

١) ياڙڻ ٻئي تي ............................ ٻوٽو ٻار.

٢) جيڪو ڪم ............................ اُنهيءَ ڪان عارُ.

٣) محنت جو ............................ دل ۾ ڌار.

**سوال ٤ : هيٺين جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ لکو.**

پرن، عارُ، ڌيرج، شڪتي

**هدايت :** ماستر شاگردن کي بيت سرتال سان ڳائي ٻڌائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ”اَسان پاڻ ڪهڙا ڪم ڪري سگهون ٿا“ اَهڙن ڪمن جي لسٽ ٺاهي اَچڻ جو پراجيڪٽ ڏيندو.“

# ٧. اَنمول زيور




هڪ ڳوٺ ۾ هڪڙو ٻالڪ پنهنجي ماتا سان رهندو هو. هوُ هميشهہ پنهنجي ماءُ جو چيو مڃيندو هو. هڪ دفعي سندس ماءُ سخت بيمار ٿي پيئي. ٻالڪ پنهنجي ماءُ جي سچي شيوا ڪئي. ماتا هُنکي آسيس ڪئي. ٻالڪ اُتساهہ وچان چيو، ”اَمان! مان جڏهن وڏو ٿيندسُ توکي سڀ سکہ ڏيندس ۽ توکي سُنا ۽ سُهڻا زيور پڻ نهرائي ڏيندس.“

ماتا چيو، ”پٽ توُن موُنکي اُهي زيور نهرائي ڏيندين، جيڪي مان توکي چوندس.“ پٽ چيو، ”ها اَمان، مان توکي وچن ٿو ڏيان.“ ماتا چيو، ”پهريون تہ توُن هن ڳوٺ ۾ هڪ اِسڪوُل نهرائجانءِ. اَسانجي ڳوٺ ۾ اِسڪوُل نہ هئڻ ڪري اَسانجي ڳوٺ جي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ ٻئي ڳوٺ جي اِسڪوُل ۾ وڃڻو پوي ٿو. ڪيترا ٻار اِسڪوُل پري هئڻ سبب پڙهائيءَ کان وانجهجي وڃن ٿا.

چيو ويندو آهي علم اِنسان جي ٽين اَکہ آهي. علم سان عقل بہ وڌندو آهي. ڳوٺ ۾ اِسڪوُل هئڻ ڪري ڳوٺ جا ٻار علم حاصل ڪري خوب ترقي ڪندا.

اَسان جي ڳوٺ ۾ پاڻيءَ جي سخت اَڻاٺ آهي. ڳوٺ وارا پريان پريان وڃي پاڻي پري اَچن ٿا. توُن ڳوٺ وارن جي اِها تڪليف ضروُر دوُر ڪجانءِ.

ماتا ٻالڪ کي چيو اَسان جي ڳوٺ ۾ ڪابہ اِسپتال نہ آهي. وقت سر علاج نہ ٿيڻ ڪري ڪيترا مريض پنهنجي حياتي وڃائي ڇڏين ٿا. پٽ! هڪ سُٺي اِسپتال پڻ نهرائجانءِ. اِهي ٽي وچن ضرور پالجانءِ. اِهي ئي موُن لاءِ اَنمول زيور ٿيندا. ايترو چئي هُن ٻار جي ماتا پنهنجا پران تياڳيا. ٻالڪ پنهنجي ماتا جي آخرين خواهش پوُري ڪرڻ جو من ۾ سنڪلپ ڪيو.

اُهو ننڍڙو ٻار جڏهن وڏو ٿيو تہ ايشور چندر وديا ساگر جي نالي سان مشهوُر ٿيو. هُن پنهنجي ماتا کي جيڪي وچن ڏنا هئا تنهن کي سڪ ۽ شرڌا سان پورا ڪيا. اُن کانپوءِ بہ سماج شيوا جا ڪم ڪندي هن باقي حياتي گُذاري. اَڄ بہ اسان جي ملڪ ۾ اَهڙن سپاترن جي ضرورت آهي جيڪي پرشارٿ ۽ پرمارٿ ڪندا رهن.

**نوان لفظ :**

زيور - ڳهڻا ‏ ‏ ‏ ‏ اَنمول - قيمتي ‏ ‏ ‏ ‏ سنڪلپ - اِرادو

پرشارٿ - همٿ ‏ ‏ ‏ ‏ اَڻاٺ - ڪوٽ، تنگي ‏ ‏ ‏ ‏ خواهش - اِڇا، مرضي

وانجهجي وڃڻ - رهجي وڃڻ ‏ ‏ ‏ ‏ پرمارٿ - ٻين جي ڀلائي

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) ٻالڪ اُتساهه وچان ماءُ کي ڇا چيو؟

٢) ماتا، ٻالڪ کي ڳوٺ ۾ اِسڪول کولڻ لاءِ ڇو چيو؟

٣) اِسپتال نه هئڻ سبب ڳوٺن وارن کي ڪهڙي تڪليف هئي؟

٤) وڏو ٿي اُهو ٻالڪ ڪهڙي نالي سان مشهور ٿيو؟

**سوال ٢ : جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اُتساهه، علم، عقل، پرشارٿ

**سوال ٣ : ضد لکو.**

سنا، ٻريان، سکر، وڏو، ضرور

**هدايت :** ماستر شاگردن کي ايشور چندر وديا ساگر بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ڪنهن سماج سڌارڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪري اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١) پنهنجي اَڌياپڪ، مٽ مائٽ يا اِنٽرنيٽ جي مدد سان ڪرانتي جوت ساوتري ٻائي ڦلي بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.



٢) پڙهائيءَ کان سواءِ پنهنجي اِسڪول جي بهبودي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪري سگهو ٿا اُن جي هڪ يادداشت ٺاهيو.

# وياڪرڻ

## صِفَتِ جا قسم

اَڄ اَسين صِفَتِ جي ڪجهه قسمن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**هيٺيان جُملا پڙهو :**

۱) ڪيلا اَڃا **ڪچا** آهن.

۲) اُپ **نيرو** آهي.

۳) مُنهنجي پيٽ **ننڍي** آهي.

۴) ماستر **شرارتي** شاگرد کي سمجهايو.

متين جُملن ۾ ’ڪچا‘، ’نيرو‘، ’ننڍي‘ ۽ ’شرارتي‘ اِهي **صفت وصفي** جا مثال آهن.

۱) **صِفَتِ وَصفي :** اُها صفت جيڪا ڪنهن اِسم يا ضمير جو ڳڻ، اَوڳڻ يا خاصيت ٻڌائي تنهنکي **صفت وصفي** چئجي ٿو.

**هاڻي هيٺيان جُملا پڙهو :**

۱) کوکي ۾ **ڏهه** اَنب آهن.

۲) اَنيل ڪلاس ۾ **پهريون** نمبر آيو.

۳) موُنکي **اَڌُ** ڦُلڪو ڏيو.

۴) راندين ۾ **هرهڪ** شاگرد ڀاڱ مو کيو

متين جُملن ۾ ’ڏهه‘، ’پهريون‘، ’اَڌُ‘ ۽ ’هرهڪ‘ لفظ **صفت عددي** جا مثال آهن.

۲) **صفت عددي :** اُها صفت جيڪا اِسم جو عدد ڏيکاري تنهنکي **صفت عددي** چئجي ٿو.

**هاڻي هيٺيان جُملا پڙهو :**

۱) ناگپوُر ۾ گرمي **گهٽي** آهي.

۲) تلاءُ ۾ **جهجهو** پاڻي آهي.

۳) گلاس ۾ کير **ٿورو** آهي.

۴) پکوڙن ۾ تيل **وڌيڪ** آهي.

متين جُملن ۾ ’گهٽي‘، ’جهجهو‘، ’ٿورو‘ ۽ ’وڌيڪ‘ لفظ **صفت اَندازي يا مقدار** جا مثال آهن.

۳) **صفت اَندازي/مقداري :-** اُها صفت جيڪا اِسم جو اَنداز/مقدار ڏيکاري تنهنکي **صفت اَندازي** يا **صفت مقداري** چئجي ٿو.

**هيٺ ڏنل جملن ۾ صفت جا قسم ٻڌايو :-**

۱) سيٺ هرداسمل **گهڻوئي** دا ن پڇ کيو.

۲) ماستر اَنيل کي ڪلاس ۾ سيني کان **سٺو** بار جو اِنعام ڏنو.

۳) **گهٽ** وقت هئڻ ڪري وڪيل ڪيس جي پوري تياري نه ڪري سگهيو.

۴) رام **پنج** زيتون بزار مان آندا.

۵) منهنجو ياءُ پڙهڻ ۾ **هوشيار** آهي.

# ماتڻ ۾ پڙهو



ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جو جنم 5 سيپٽيمبر 1888ع تي سروپلي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس وڏا اِن ڳوٺ ۾ رهندا هئا، اِنڪري سندس نالي اَڳيان سروَپلي جوڙيو ويو آهي.

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ڀارت جو ٻيو راشٽرپتي هو. هن جي ودوانپڻي جي ساک ساري سنسار ۾ ڦهليل آهي. آدرشي اَڌياپڪ جي روپ ۾ پڻ هن جي سڄي وِشوَ ۾ مَڃتا آهي. اِنڪري ئي هن جو جنم ڏينهن ڀارت ديس ۾ ''اَڌياپڪ ڏينهن'' ڪري ملهايو ويندو آهي.

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جا ويچار تمام اوچا هئا. هو نمرتا ۽ سيپتا جو ساکيات سروپ هو. 1963ع ۾ هو اِنگلنڊ جي ياترا تي ويو. اُتي راڻي ايليزبيٿ ۽ سندس پتي شهزادو فلپس هن جي آجيان ڪرڻ لاءِ آيل هئا. ٻيا سرڪاري اَڌڪاري بہ قطار ۾ بيٺا هئا. اُتي اِنگلنڊ ۾ رهندڙ سوين ڀارتواسي پنهنجي ديش جي راشٽرپتيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ بيٺل هئا.

جيئن ئي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن اُتي پهتو راڻي ۽ سندس پتي اَڳيان وڌي هن سان هٿ ملائي گڏيا ۽ پوءِ اُتي بيٺل سرڪاري اَڌيڪارين جي هن کي سڃاڻپ ڏنائون. اِن دستوري آجيان بعد ڊاڪٽر راڌاڪرشنن کي راڻي ۽ ٻين سان گڏ بَڪنِگهام محلات ڏانهن وٺي هلڻو هو. راڻي ۽ سندس پتي موٽرڪار ڏانهن وڌيا پر اَسانجو راشٽرپتي هنن سان گڏ نہ وڌي ڀارتواسين ڏانهن وڌي ويو ۽ هنن کي نمسڪار ڪري ڪيڪاريائين. ڀارتواسي خوشيءَ ۾ ٻرجي ويا ۽ پنهنجي وطن جي راشٽرپتيءَ جي جئہ جئڪار ڪئي ۽ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن پوءِ سندس اِنتظام ۾ بيٺل راڻي ۽ سندس پتيءَ ڏانهن اِئين سڀاويڪ نموني وڌيو جڻ ڪا غير رواجي ڳالهہ هئي.

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جو سڀاءُ تمام سادگيءَ وارو هو. هن ۾ ڪوبہ ڏيکاءُ يا اَڊمبر ڪونہ هوندو هو. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ڪڏهن بہ پنهنجي عهدي يا ودوانپڻي جو گهمنڊ ڪونہ ڪيو.

راڻي ايليزبيٿ اَسانجي راشٽرپتيءَ جي عزت ۾ ڀوڄن جو پربنڌ ڪيو. هوُمحلات ۾ پهتو ۽ سڀني سان ڀارتي دستور مطابق هٿ جوڙي گڏيو. شاهي گهراڻي جي راجڪمارن ۽ راجڪمارين کي بہ هن ڀارتي ريت اَنوسار سندن مٿي تي پيار سان هٿ ڦيري کين آشيرواد ڏني. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جي رڳ رڳ ۾ ڀارتي سڀيتا ڀريل هُئي.

# ٨. شهيد رميش بدلاڻي



ڀارت کي آزاد ڪرائڻ ۾ سنڌين جون قربانيون قابل ذڪر آهن. سنڌي سپوت هيمون ڪالاڻي ڦاسيءَ تي چڙهندي بہ آزاد هندستان جا نعرا لڳائيندو رهيو. آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ديش جي رکشا ڪندي سنڌي سماج جي وير جوانن ديش جي سرحدن جو بچاءُ ڪندي، پنهنجي قرباني ڏيئي سنڌي سماج جو نالو روشن ڪيو آهي.

اَجمير جو نوجوان ميجر رميش بدلاڻي ملٽريءَ ۾ آفيسر هو. هن جي شادي 5 ڊسمبر 1971ع تي ٿيڻي هئي. ميجر رميش موڪل وٺي اَجمير پهتو. مهمان پهچي ويا هئا. شاديءَ جا لاڏا ڳائيندي مٽ مائٽ خوشيءَ ۾ نچي رهيا هئا.

اوچتو هندستان مٿان پاڪستان حملو ڪيو. ريڊيو تان اَعلان ڪيو ويو تہ لڙائي شروع ٿيڻ سبب سڀني ملٽري آفيسرن جون موڪلون رد ڪيون وڃن ٿيون ۽ هوُ بنا ڪنهن دير جي پنهنجي پنهنجي هيڊڪوارٽر ڊيوٽيءَ تي واپس پهچي وڃن. نوجوان رميش بہ ريڊيو تي اَعلان ٻڌو. هو هڪدم تيار ٿي ويو. شاديءَ جي سڀني خوشين کي ڇڏي پنهنجو فرض نڀاهڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

هيڊ ڪوارٽر پهچڻ بعد رميش جي ڊيوٽي جمون ڪشمير ۾ سِکہ بٽالين ۾ آفيسر طور لڳائي وئي. نوجوان رميش همٿ سان لڙيو. دشمن جي فوج کي چيِرينڌو اَڳيان وڌندو ٿي ويو. دشمن جي سپاهين گهيرو ڪري مٿس حملو ڪيو. هن نوجوان بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي ويرگتي پراپت ڪئي. اُهو ڏينهن هن جي شاديءَ جو ڏينهن هو جنهن ڏينهن هن کي مٿي تي مُٽڪ ٻڌي گهوڙيءَ تي چڙهي بئنڊ باجن سان وڃي ڪُنوار جي گهر پهچڻو هو، شادي ڏينهن شادمانن جي ماحول ۾، فيلڊ مارشل جنرل ماڻڪ تار رستي رميش جي شهادت جي خبر مائٽن کي ڏني. تار پهچڻ تي گهر ۾ ماتم ڇانئجي ويو.

پر شاباس آهي هن وير پرش جي مائٽن کي، جن شانتيءَ ۽ صبر سان اَهڙو صدمو سهڻ ۾ پنهنجي همٿ ۽ حوصلي جو پريچيہ ڏنو. ديش رکشا لاءِ هن وير بهادر سنڌي سپوت مان اَڄ جي نوجوانن کي پريرڻا حاصل ڪرڻ گهرجي.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| قرباني - ٻليدان | اَعلان - پڌرائي | مايوسي - اُداسي |
| فَخرُ - ناز | پريرڻا - اُتساهه | چيرينڌو - ڪاٽيندو |
| شَهادت - قرباني | ماتم - روئڻ پٽڪو | ويرگتي - شهادت |

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) سنڌي ويرجوانن سماج جو نالو ڪيئن روشن ڪيو آهي؟
٢) ميجر رميش بدلاڻيءَ جي شادي ڪڏهن ٿيڻي هئي؟
٣) ريڊيو تان ڪهڙو اَعلان ڪيو ويو؟
٤) رميش بدلاڻيءَ پنهنجو فرض ڪيئن نباهيو؟
٥) ديش جي جوانن کي هن بهادر ڪهڙي پريرڻا ڏني؟

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

آزادي، اَعلان، مايوسي، محسوس

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جون صفتُون ٺاهيو.**

آزدي، قُرباني، خوُشي، مايوُسي

**هدايت :** ماستر شاگردن کي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ بابت ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي اَهڙن ٻين سنڌي نوجوانن بابت ڄاڻ ڪٺي ڪري اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) هيٺ ڏنل جملن ۾ صحيح لاءِ ✓ ۽ غلط لاءِ ✗ نشان ڪريو.**

١. ميجر رميش بدلاڻيءَ جي شادي 5 ڊسمبر 1971ع تي ٿيڻي هئي.
٢. رميش جي ڊيوٽي راجپوتاڻا بٽالين ۾ لڳي.
٣. رميش، شاديءَ جي ڏينهن گهر موٽي آيو.
٤. رميش جي مائٽن همت ۽ حوصلي جو پريچيہ ڏنو.
٥. رميش بدلاڻي ديش لاءِ شهيد ٿي ويو.

**(٢) سبق مان گهٽ ۾ گهٽ ١٠ لفظ اَهڙا ڳولهيو جيڪي هندي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ واپرائبا آهن.**

**(٣) هيٺين سوالن جي ڄاڻ حاصل ڪريو.**

i. ڀارت ۾ شهيدي ڏِوَس ڪڏهن ايندو آهي؟
ii. ڪجهه جوانن جا نالا لکو، جن ديش خاطر قرباني ڏني آهي؟
iii. فوج ۾ شامل ٿي ديش جي شيوا ڪرڻ هڪ ثواب جو ڪم آهي. ٻڌايو تہ اَهڙي نموني ٻين ڪهڙن روپن ۾ ديش جي شيوا ڪري سگهجي ٿي؟

# ٩. ڀيارو هندستان

پيارو هندستان اَسان جو پيارو هندستان،
آهيون هڪڙا هِندو توڙي سِکَ ۽ مُسلمان ....

١) مان گجراتي آهيان منهنجي پرانت آهہ گجرات؛
ليڪن اڳ گجرات کان آهي پياري ڀارت ماتا،
اَسين مرهٽا، مدراسي، بينگالي، پنجابي، سنڌي؛
ليڪن اڳ ۾ تنهن کان آهيون سڀيئي هِندي هِندي،
هڪ ئي جيِجل جي سڀ آهيون سوروير سَنتان ....

٢) رام، ڪرشن، گوتم ۽ گانڌيءَ جهڙا جِتِ اِنسان؛
تاجمَحل ۽ قطب مُنارو ڀارت جي لئہ شان،
گُنَ ڳائيندي لهي هِماليہ تان ٿي گنگا - ڌار؛
ڀاڳن سان ڀارت کي مليا نيتا نِتُ مهان،
اَچو ڪريون سڀ تنهن ڀارت جو مِلِي ڪري گُڻگان ....

٣) دُشمن سيني کي ساهي جي ڪري اَسان ڏي گهوُر؛
آزاديءَ آ ڀارت واسين جي نيڻن جو نوُر،
آزاديءَ لاءِ ڏني ٿئون ۽ ڏينداسين جان؛
دُشمن جا ٿي ويندا آخر سڀ سَپنا ڪافور،
ڀارت جي لئہ ڪري سگهون ٿا سڀ قربان ....



**نوان لفظ :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سوُرويرَ - بهادر | ڳُڻ - ساراهه | مهان - وڏو | نورُ - روشني |
| جيجل - ماتا | نِتُ - هميشه | گهوُرڻ - چتائي ڏسڻ | ڪافور - ڳَمُ |

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

۱) بيت ۾ آيل اِتهاسڪ آستان جا نالا لکو.

۲) اَسان جي نيڻن جو نوُر ڇا آهي؟

**سوال ۲ : هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو :-**

۱) هڪ ئي جيجل ...............

۲) ڳُڻ ڳائيندي لهي ...............

۳) اَڇو ڪريون سڀ ...............

**سوال ۳ : هيٺين لفظن جي جنس سڃاڻو :-**

۱. دُشمن ۲. جيجِل ۳. ڳنگا ۴. سوُرويرُ

**سوال ۴ : 'الف' ۽ 'ب' ۾ ڏنل سِٽن جا جوڙا ملايو.**

| الف | ب |
|---|---|
| ۱) ليڪن اُڀ ۾ تَنهن ڪان | ۱) ڀارت جي لَڱَ شان |
| ۲) تاجمحل ۽ قطب منارو | ۲) سڀ سَپنا ڪافور |
| ۳) دشمن جا ٿي ويندا آخر | ۳) آهيون سڀئي هندي هندي. |

**هدايت :** ماسٽر هيءُ بيت سُرتال سان پيش ڪري شاگردن کان بہ چوائيندو.

**مشغولي :** ماسٽر شاگردن کي ڀين اِتهاسڪ جڳهين جا نالا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## اَچو تہ گيان وڌايون

**ٽِپن جي آڌار تي آکاڻي ٺاهي لکو.**

رام هڪُ ننڍو ڇوڪرو - ٻڍي ماءُ سان گڏ جهوپڙيءَ ۾ رهڻ - برسات جا ڏينهن - آنڌيءَ طوفان - ريل جي پٽڙي ٽٽڻ - رام جي نظر وڃڻ - ريل گاڏي اَچڻ جو وقت - ڳاڙهي رنگہ جي خميس لاهي گاڏيءَ کي روڪڻ - ريل جو بيهڻ - مسافرن جو غصو ٿيڻ - ڊرائيور جو ڏسڻ - رام کي شاباسي ڏيڻ - راشٽرپتيءَ جي هٿان اِنعام ملڻ - سکيا.

## مشغولي

ماسٽر شاگردن کي چٽر ڏيکاري سوال پڇندو ۽ چٽر ۾ ڏيکاريل نظاري بابت ١٠ - ١٥ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.



# ١٠. خطُ



فلئٽ نمبر - 401،

راجيش سوسائٽي،

ممبئي.

تاريخ :

پريہ مهيش،

شال باغ بهار هجين،

ڪيترن ڏينهن کان تُنهنجو خطُ ڪونہ آيو آهي. اُميد ٿو ڪريان تہ بلڪل خوش راضي هوندين. مون توکي پنهنجي نئين گهر بابت ٻڌايو هو. مان ڏاڍو خوش آهيان. جلدئي اَسين اُن گهر ۾ رهڻ لاءِ وڃڻ وارا آهيون.

ايندڙ آرتوار تي اَسان ’گهر جي مهورت‘ جو پروگرام رکيو آهي. صبح جو ستيہ نارائڻ جي پوڄا آهي. پوڄا کان پوءِ مانيءَ جو بندوبست بہ ڪيو آهي. مان چاهيان ٿو تہ تون اَچي هن پوڄا ۾ شامل ٿيءُ. مون هريش ۽ دليپ کي بہ نيند ڏني آهي. تون سچو ڏينهن مون سان گڏ رهج. مون تنهنجي رات جي رهڻ جو بندوبست بہ ڪيو آهي. منهنجا سؤٽ بہ رهڻ وارا آهن. رات جو دادا اَسان کي آکاڻيون ٻڌائيندا. اَسين خوب مؤج ڪنداسين. تون ضرور اَچج. تنهنجي ماتا، پتا کي بہ ضرور اَچڻو آهي. منهنجي پتا اُنهن کي اَلڳہ نيند موڪلي آهي.

پنهنجي ماتا، پتا کي منهنجي نمستي ڏج.

تنهنجو دوست،

رميش

**نوان لفظ :** نيند ڏيڻ - نوتو ڏيڻ

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) خط ۾ ڪهڙي نيند ڏنل آهي؟

٢) رميش ڪنهن، ڪنهنکي نيند ڏني؟

٣) گهر جي مهوُرت وقت ڪهڙي پوُڄا رکي ويئي؟

٤) رميش، مهيش کي رات جي پروگرام بابت ڇا ٻڌايو؟

**سوال ٢ : هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.** ١. نيند ڏيڻ ٢. مؤج ڪرڻ

**هدايت :** ماستر شاگردن کي جنم ڏينهن جي نيند جو خط ڪيئن لکجي، سمجهائيندو ۽ هُنن کي خط گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي اَلڳہ اَلڳہ قسمن جي نيند وارا ڪارڊ گڏ ڪري ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١) ڪهڙن موقعن تي اَسين پنهنجن مٽن مائٽن ۽ دوستن کي نينڊ ڏيندا آهيون. اَهڙن پنجن موقعن جا نالا لکو.

٢) هيٺين موقعن لاءِ توهين واڌايون ڪيئن ڏيندا؟ (ٻارن جي اِظهار شڪتي وڌائڻ لاءِ ماستر ٻارن کان هيٺيان سوال پڇندو)

i) سيما اِسڪول ۾ پهريون نمبر آئي آهي.

ii) راڪيش کي ڀاٽيجو ڄائو آهي.

iii) توهان جي اُستاد کي آدرش ٽيچر جو اَوارڊ مليو آهي.

iv) اَڄ اَنيتا جو جنم ڏينهن آهي.

٣) هيٺيئين خاص ڄاڻ پڙهو :



نياپو موڪلڻ لاءِ يا ڄاڻ موڪلڻ لاءِ توهان ڏٺو، خط جو اِستعمال ٿي سگهي ٿو. اَڄ جي زماني ۾ خط کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ساڌن آهن. ٽيليفون، موبائيل فون، اِنٽرنيٽ وغيره پر ڇا توهان کي ڄاڻ آهي پراڻي زماني ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نياپا پهچائڻ لاءِ ڪبوتر اِستعمال ڪيا ويندا هئا. ڪبوترن جي پيرن ۾ نياپو ٻڌي موڪليو ويندو هو.

اِن لاءِ ڪبوترن کي نياپا پهچائڻ جي خاص ٽريننگ ڏني ويندي هئي. ڪبوتر جي جاتين ۾ هومنگ ڪبوتر (Homing Pigeon) اَهم ليکيو ويندو هو. هنن کي راڪ ڪبوتر (Rock Pigeon) بہ چوندا آهن. هومنگ ڪبوتر اِنڪري سڏيو ويندو هو ڇو تہ ڏوراهين مفاصلي تائين وڃڻ کان پوءِ بہ هو واپس پنهنجي آکيري ۾ اَچي سگهندو آهي. هومنگ ڪبوتر جي رفتار 80 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين آهي. هو 1800 ڪلوميٽر مفاصلو طئہ ڪرڻ جي قابليت رکندو آهي. ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ برٽش لشڪر اُهي هومنگ ڪبوتر گهڻي حد تائين جدا جدا نياپا پهچائڻ لاءِ ڪم آندا. آزاديءَ وقت اُهي ڪبوتر پارت جي پوليس کاتي کي ڏنا ويا. 1947ع کان 2002ع تائين ڀارت جي اوڙيسا راڄيہ ۾ اَهڙن ڪبوترن قدرتي آپدائن ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ نياپا پهچائڻ ۾ پنهنجو يوڳدان ڏنو آهي. اِنهن ڪبوترن طوفاني برسات ۾ بہ پنهنجو ڪم بخوبي نباهيو آهي.

هومنگ ڪبوترن جي شيوائن جو هڪ اَنوکو مثال اِهو آهي تہ 1948ع ۾ ڀارت جي پهرئين پرڌان منتري شري جواهرلعل نهروءَ کي هڪ اوجهڙ جڳهہ ڏانهن دوري تي وڃڻو هو. اِهو خاص نياپو اُن هنڌ موڪلڻ لاءِ هومنگ ڪبوترن جو اِستعمال ڪيو ويو. (www.wikipedia تان ورتل)

## اَچو تہ گيان وڌايون

### ١. پهاڪا

**جو مُڙيو سو جُڙيو :-** وڏيڪ واد-وواد ۾ نہ پئي، جو شانت ۾ رهي، تهنجي جيت آهي.

**آئي ڏانڊو ڪَٽَڻ بورچياڻي ڦي ويٺي :-** ڪم پورو ٿيڻ کان پوءِ بہ بنا ڪنهن سبب جي ڏڏو ڄمائي ويهي رهڻ.

**جَهڙا ڪانگ تَهڙا ٻَچا:-** جهڙا ماءُ پيءُ تهڙا ٻار

**جَهڙي نيت تَهڙي مُرادَ :-** ٻرو ڪرڻ واري جو ٻُرو ٿيندو آهي، سُنو ڪرڻ واري جو سُنو ٿيندو آهي.

**جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا :-** جيتري ذميواري اوتري پريشاني.

**ٺَڪو ڏيئي ڏانڊو ڪٽڻ :-** رواجي ڪم ڪرڻ لاءِ بہ ٻئي کان مدد وٺڻ.

**اُهو سون ئي گهوريو جو ڪَن ڇِني :-** جنهن شيءِ مان نقصان ٿئي اُن جو تياڳ ڪجي پوءِ ڀلي ئي قيمتي چو نہ هُجي.

**يَڪ تُندرستي هزار نَعمت :-** صِحت کان وَڏيڪ ڪُجھ ناهي.

**آهہ غريبان قَهر خُدائي :-** غريب جي بَددُعا ماڻهوءَ ڪي برباد ڪري ڇڏيندي آهي. اِنڪري غريب کي نہ ستائجي.

**لوهہ جا چَڻا چَباڙڻ :-** تمام ڏُکيو ڪَم ڪَرڻ

**جتي ٻاهہ ٻَري اُتي سيڪ اَچي :-** جنهن کي تڪليف ٿيندي، اَحساس بہ اُن کي ئي ٿيندو.

**ڪٿي راجا ڀوڄ ڪٿي گنگو تيلي :-** ڪٿي سياڻو/ وڏو ماڻهو ءِ ڪِٿي اياڻو/ ننڍو ماڻهو - ڀيٽ ڪرڻ.

**٢. ’دورانديش‘ لفظ ۾ سمايل اَکرن مان ڪيترائي نوان لفظ تيار ٿي سگهن ٿا. اَهڙا نوان لفظ ڪم آڻي هيٺين جملن ۾ خال ڀريو.**

١) بيمار ٿيڻ تي ڊاڪٽر مريض کي ........ ڏيندو.
٢) راجيش جو ڪرڪيٽ ........ ۾ شوق هو.
٣) ........ تي ڪڙڪو ٻڌي مان ڊڪڙو ڊوڙيس.
٤) وقت نہ وڃاءِ، اِسڪول ۾ ........ ٿي ويندءِ.
٥) جهڙو ........، تهڙو من.
٦) اَسانجي ........ جو نالو ڀارت آهي.
٧) اَسان کي هميشه پنهنجي ديش جو ........رکڻ گهرجي.
٨) ٽي.وي، ريڊيو، سنيما گهر ........ جا وسيلا آهن.
٩) تيز برسات ۾ بہ فوٽ بال جي ........ ڪٿي ويئي.
١٠) راجا دشرٿ ڪيڪئيءَ کي بہ ........ ڏنا.
١١) ٻڍاپي ۾، رما ٻائيءَ جي ........ گهٽجي ويئي.

# ١١. سَنديشُ



وِملا ديدي ٻارن ۾ ڏاڍي پياري هئي. پاڙي جا ٻار ديديءَ مان ڪجهه نه ڪجهه سِکندا رَهندا هئا. موڪل جي ڏينهن ٻارن کي وٺي ڪڏهن ڪارخانا گهمائيندي هئي ته ڪڏهن ميدانن تي جدا جدا رانديون ڪرائيندي هئي ڪڏهن ته ٻارن جي گهرن ۾ وڃي پڙهائيءَ ۾ ڪين مدد ڪري ماهر ڪندي هئي. سڄو پاڙو ديدي جي واه واه ڪندو هو.

26 جنوريءَ جو ڏينهن هو. ديدي سَيني ٻارن کي سڏُ ڪرائي چيو، ”اَڄ اَسين شام جو باغ ۾ گُهمڻ هَلنداسين ۽ ڪجهه اَهم وِشين تي پاڻ ۾ ڳالهائينداسين.“

شام جو ديدي، سيني ٻارن کي باغ ۾ وٺي ويئي ۽ بَحث مُباحثي جي شُروعات سوالن سان ڪئي.

ديدي : اَڄ ڪهڙو خاص ڏينهن آهي؟

نريندر : اَڄ 26 جنوري آهي.

ديدي : 26 جنوري جي اِن خاص ڏينهن کي اَسين ڇا چوندا آهيون؟

ڪمار : پرجاوادي ڏينهن.

ديدي : ٻنهي جا جَواب بِلڪل صَحيح آهن. توهان کي خبر آهي 26 جنوري ڀارت جو قومي ڏينهن آهي. هاڻي ٻڌايو ته ٻيو قومي ڏينهن ڪهڙو آهي؟





**ميران** : 15 آگسٽ

**ديدي** : شاباس! ميران. 15 آگسٽ اَسين ڪهڙي روپ ۾ ملهائيندا آهيون؟

**جوتي** : 15 آگسٽ اَسين آزاديءَ جو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهيون.

**ديدي** : بلڪل ٺيڪ. مونکي خوشي آهي تہ توهان کي پرجاوادي ڏينهن ۽ آزاديءَ جي ڏينهن بابت ڄاڻ آهي. اَڄ مان ڪنهن خاص وشيہ تي توهان جي راءِ ڄاڻڻ چاهيان ٿي ۽ اُن وشيہ تي اَسين بحث بہ ڪري سگهون ٿا. مونکي مينا هڪ سوال جو جواب ٻڌائيندي.

**مينا** : ها ديدي، توهين پڇو.

**ديدي** : مينا، تون اَڳئين آرتوار تي اَسان سان پاڪيءَ جو آبشار ڏسڻ نہ هلينءَ. مونکي جوتيءَ ٻڌايو تون پنهنجي مامي جي شاديءَ تي ويئي هئينءَ. مينا، توکي شاديءَ ۾ مزو آيو؟

**مينا** : (ڏاڍي خوشيءَ وچان) ها ديدي، ڏاڍو مزو آيو.

**ديدي** : واهه! هاڻي ڪمار ٻڌائيندو. شادين ۾ اَڪثر ڪهڙا ڪهڙا پروگرام ٿيندا آهن.

**ڪمار** : ديدي ميهندي جو پروگرام هوندو آهي، لاڳن جو بہ پروگرام ٿيندو آهي. ويڊيءَ جو پروگرام هوندو آهي. هر پروگرام ۾ سني کاڌي جو بندوبست بہ ڪيو ويندو آهي. قسمين قسمين لذيذ طعام هوندا آهن. پاني پوري کان وٺي اَئيسڪريم تائين ذائقيدار شين جي قطار لڳل هوندي آهي.

**ديدي** : بس، مونکي اِن ئي وشيہ تي پڇڻو هو. نريندر تون ٻڌاءِ تون ضرور ڪجهہ شادين ۾ شريڪ ٿيو هوندين. جڏهن ماڻهو کاڌو کائيندا آهن. ڇا، توکا خاص ڳالهہ ڏيان سان ڏٺي آهي؟

**نريندر** : ها، ديدي. مون ڏٺو آهي. ماڻهو سڀ شيون ڪٽي ڪٽي پليٽون پريندا رهندا آهن. ضرورت کان وڌيڪ کائيندا رهندا آهن ۽ ڪيتروئي کاڌو کائي نہ سگهندا آهن. اِنهن شادين ۽ پارٽين ۾ تمام گهڻو کاڌو ضايع ٿيندو آهي.

**ديدي** : نريندر، تنهنجا ويچار بلڪل برابر آهن. ايتري وڏي پئماني تي کاڌي جو نقصان ٿيندو ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. هڪ ته حد کان وڌيڪ کائڻ سان ماڻهو پنهنجي صحت بگاڙيندا آهن ۽ ٻئي طرف کاڌو اِئين ئي زيان ٿيندو آهي. مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿي هرسال ۵ جون، اَنترراشٽريه پرياورڻ ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. سال 2013 ۾ اِن ڏينهن سڄي دنيا کي سنديش ڏنو ويو. ''سوچيو - کائو - بچايو'' متحد جماعت جي فوڊ ۽ ايگريڪلچرل سنسٿا مطابق سڄي سال ۾ سراسري ايترو کاڌو اَجايو وڃايو ويندو آهي جيڪو 130 ڪروڙ ماڻهن جي کاڌي جي پورت ڪري سگهي ٿو. ٻارو! مان توهان کي ڳالهه ٻڌائڻ ٿي چاهيان. اَسان سڀني کي وڏ ۾ وڏ اِهو ڌيان رکڻ گهرجي ته کاڌي جو زيان بلڪل نه ٿئي.

**ڪمار** : ها ديدي، اِها ڳالهه مان پنهنجي مائٽن کي ضرور ٻڌائيندس.

**ميران** : مان پنهنجي سڀني ساهيڙين کي کاڌي جي بچت بابت ٻڌائيندس.

**جوتي** : ديدي، اِنهن شادين ۽ پارٽين ۾ کاڌي جو زيان نه ٿئي، ان لاءِ مان پنهنجي اِسڪول ۾ سڀني کي ويچار ٻڌائيندس.

**نريندر** : اَسان کي اِهو به سوچڻ گهرجي ته اَسين پنهنجن گهرن ۾ جيڪو کاڌو اَجايو وڃائيندا آهيون اُن تي به بنجو اَچي.

**مينا** : مان ته چاهيان ٿي ته کاڌو اَجايو نه وڃي اِن لاءِ اَسان کي هلچل هلائڻ گهرجي.

**ديدي** : شاباس منهنجا ٻارو، مونکي توهان جا ويچار وڻيا. اَڄ دنيا ۾ اَڌ کان وڌيڪ ماڻهو غريب آهن. ڪيترن ئي ماڻهن کي پوري روٽي به نه ٿي ملي. ڪيترائي ٻار کاڌي جي کميءَ سبب بيمارين جا شڪار بڻجن ٿا ۽ ڪي بک سبب مري وڃن ٿا. اَسان کي اِنهن سڀني ڳالهين جو ڌيان رکڻ گهرجي.

**سڀ ٻار** : (گڏ) ها ديدي، اَسان بلڪل سمجهيو ۽ اِهو سنديش سڀني تائين پهچائيندا سين.

**نوان لفظ :**

لذيذ - سوادي | طعام - طرح طرح جا کاڌا | ذائقيدار - سوادي
ضايع - نقصان | پئمانو - اَنداز/سطح

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا هڪ ٻن سٽن ۾ جواب لکو.**

۱) موڪل جي ڏينهن ملا ديدي ڇا ڪندي هئي؟
۲) سبق ۾ آيل قومي ڏڻن جا نالا لکو؟
۳) مينا پاڻيءَ جو آبشار ڏسڻ ڇو ڪونه وڃي سگهي؟
۴) اَنترراشٽريه پرياورڻ ڏينهن 2013 ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو ويو؟
۵) آخر ۾ سڀني ٻارن ڪهڙو اَنجام ڪيو؟

**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) سچو پاڙو وِملا ديديءَ جي ساراه ڇو ڪندو هو؟

٢) ڪمار، شاديءَ ۾ ٿيندڙ پروگرامن بابت ڇا ٻڌايو؟

٣) شادين ۾ پارٽين ۾ ماڻهن جي کاڌي کائڻ جي باري ۾ نريندر ڇا چيو؟

**سوال ٣ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”اَڄ 26 جنوري آهي.“

٢) ”ها ديدي، توهين پل پڇو.“

٣) ”قسمين قسمين لذيذ طعام هوندا آهن.“

۴) ”بس، مونکي اِن ئي وشيه تي پڇڻو هو.“

**سوال ۴ (الف) : هيٺين جا ضد لکو**

خاص، صحيح، خوشي، نقصان، غريب.

**ب) صفتون ٺاهيو.**

ڏينهن، گهر، شروعات، مزو، ڏيان

**ٿ) اِسم ذات ٺاهيو.**

قومي، ذائقيدار، برابر، غريب، بيمار

**د) ڏنگين ۾ ڏنل هدايت اَنوسار زمان بدلايو.**

١) شام جو ديدي سيني ٻارن کي باغ ۾ وٺي ويئي. (زمان مستقبل)

٢) توهان پنهي جا جواب بلڪل صحيح آهن. (زمان ماضي)

٣) اِها ڳالهه مان پنهنجي مائٽن کي ٻڌائيندس. (زمان حال)

۴) اَسان بلڪل سمجهيو. (زمان مستقبل)

## پورڪ اَڀياس

**.١. سبق ۾ 26 جنوري ’پرجاوادي ڏينهن‘ ۽ 15 آگسٽ ’آزادي جو ڏينهن‘ ٻڌايا ويا آهن. اَهڙي نموني 5 سيپٽمبر ’اَڌياپڪ ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي. ’ٻال دِوَس‘ 14 نومبر تي ملهايو ويندو آهي.**

**اَهڙي طرح سڄي سال ۾ ٻيا ڪهڙا ڏينهن ملهايا ويندا آهن. اُها ڄاڻ حاصل ڪري خاڪو تيار ڪريو.**

**.٢. هيٺين ۾ لاڳاپو پورو ڪريو.**

١) رات : ڏينهن :: سٺو : ____

٢) ضرورت : ____ :: صحت : صحتمند

٣) پنج : پنجون :: ____ : ستون

۴) ____ : ڪمند :: پنجاب : ڪٽڪ

۵) راڻي : ____ :: ماءُ : پيءُ

٦) مددگار : مدد :: جوشيلو : ____

٧) هڪ ۽ اَڌ : ڏيڍ :: ______ : سوا

٨) پارت : دهلي :: ______ : ممبئي

٩) ڏهاڪو : ڏهه سال :: ______ : سؤ سال

١٠) اونهو : ______ :: ٻرو : ٻرائي

١١) ٻلي : پونگڙو :: ڳان ۽ : ______

١٢) هاٿي : چنگهار :: گڏهه : ______

١٣) ضعيف : ڪمزور :: ______ : دوست

١٤) ______ : رانديڪا :: نارنگي : نارنگيون

١٥) سياٽپ : ______ :: ڏينهن : ڏينهوڪو

# وياڪرڻ

## ظرف (ڪريا وشيشڻ)

### هيٺيان جُملا پڙهو

١. مالا **تڪڙو** هلي ٿي.
٢. مان **ٻاهر** ترسان ٿو.
٣. توهين **سويل** آيا آهيو.
٤. جئہ گيت **ڪونہ** ڳائيندو.
٥. گهوڙو **تيز** ڊوڙي ٿو.
٦. سُنيل وڏي دُڪان تان فقط **هڪ** پين ورتي.

مٿين جُملن ۾ تڪڙو، ٻاهر، سويل، ڪونہ، تيز ۽ فقط لفظ **ظرف** جا مثال آهن.

**ظرف** - اُهو لفظ جيڪو فعل، صفت، ٻئي ظرف جي خاصيت ٻڌائي. جن مان وقت، ريت، قدر، جڳهہ يا ناڪار جي معنيٰ نڪري تنهن کي **ظرف** چئبو آهي.

### سوال : هيٺين جملن مان ظرف ڳولهيو :-

١) ريل گاڏي آهستي هلي ٿي.
٢) سياڻي اَسين مهابليشور گهمڻ ويندا سين.
٣) جيڪڏهن تون محنت ڪندين تہ ضرور پاس ٿيندين.
٤) جڏهن منهنجي مامي لندن مان آئي تہ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي.
٥) اوچتو برسات پوڻ سبب مونکي دير ٿي ويئي.

# ١٢. سَنت واڻِي





**سامي صاحب :**

سَتگُرُ پُرکُ سُجاڻُ، رکيو هٿ مٿي تي،
مِٽي ويئي مَن ماڻ، سامي ڪِنچاتاڻ،
وسيو ميگهه مَهِر جو، پِريا نينهن نياڻ،
اَچي بيٺا پاڻ، سَنمُک منهنجي سُپرين.

**سوامي ٻوڏراج :**

جان جيسين آهه تو ۾، لَکهه دُکين جي روز سار،
انگَ هيڻَن ۽ اَناٿن سان سَدائين ڪر پيار،
دردمند ٻارَ، ٻُڍڙن جي سدائين لَهِجِ سارَ،
پريم سان شيوا ڪري، تِن جا سپيئي دُک نِوار.

**مدن فقير :**

مَدَنَ رِهاڻيون چو ڪَرين، ڪوڙا ڪَرين بَيانَ،
ڏهه ڏهه ڏندَڻ ڏينهن ۾، سَوين ڪرين سِنانَ،
بِنا نالي پڳوان، اَندرُ اَچو نه ٿئي.

**دادا جشن واسواڻي :**

سنسار سارو آهي چايا چايا،
ڪوڙو قبيلو ڪوڙي ڪايا،
ڪر پنهنجا ڏينهن سجايا،
اَچي ويهه ايوان ۾.

**نوان لفظ :**

پُرک - اِنسان
سُپرين - سڄڻ (سنگروُ)
ايوان - اَڱڻ
ميگهه - بادل
نِوارڻ - مِٽائِڻُ، دوُر ڪرڻ
رَسائڻ - نِپائِڻُ

ڪِنچاتاڻ - مونجهه،پريشانيِ
هيڻَن - ڪمزورن
ڪايا - سرير
نياڻ - خزانو
وِسائڻ - ختم ڪرڻ

نينهُن - پيار
رِهاڻيوُن - ڳالهه ٻولهه
سُجاڻُ - سَڄڻ
سارَ - سنڀال
هِيسائڻ - ڏڪائڻ

# اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) سَتگرُ جو مٿي تي هٿ رکڻ سان ڇا ٿئي ٿو؟

٢) ڪنهنجي نالي بنا اَندرُ اَڇو نٿو ٿئي؟

٣) سوامي ٽيوڏراج اِنسان کي ڪهڙي صلاح ڏني آهي؟

۴) دادا جشن ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

**سوال ٢ : هيٺيون سٽون پوريون ڪريو :-**

١) اَڇي بينا پاڻ، ...............

٢) ڪوڙو ڦبيلو ...............

٣) ڏهه ڏهه ڏندڻ ڏينهن ۾ ...............

۴) پريم سان شيوا ڪري ...............

**سوال ٣ : ساڳئي اُچار واري لفظن جا جوڙا لکو.**

مثال : ڪايا، ڇايا

**هدايت :** ماستر شاگردن کان سنت واڻي سُر ۾ چوائيندو ۽ اُنهن جي معنيٰ چڱيءَ طرح سمجهائيندو.

**مشغولي :** ١) ماستر شاگردن سنڌي سنتن جي باري ۾ ڄاڻ ڪٺي ڪري اَچڻ لاءِ چوندو.

٢) ماستر شاگردن کي هيٺ ڏنل سنتن کي سچاڻي سندن لکيل سلوڪ / گيت لکي اَچڻ لاءِ چوندو.









# ١٣. اِنسان-دوست ڊاڪٽر



اَميت ۽ سميت نالي بہ دوست ساڳئي اِسڪول ۾ پڙهندا هئا. هُنن جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي.

هڪ ڏينهن اِسڪول مان موڪل ملڻ کان پوءِ ٻئي دوست گهر واپس موٽي رهيا هئا. سامهون هڪ اِسڪوٽر تيز رفتار سان اَچي رهيو هو. گهڻي ڪوشش ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اميت پاڻ بچائي نہ سگهيو. اِسڪوٽَر ڪيس زوردار ٽڪر هنيو. اَميت هيٺ ڪِري پيو ڪيس نِرڙ تي ڏُڪ لڳو. زَخمَ مان خون وَهڻ لڳو. اِسڪوٽر وارو موقعو ڏسي اُتان کسڪي ويو.

سميت بنا دير ڪرڻ جي، اَميت کي ويجهو ئي ڊاڪٽر گلابراءِ جي دواخاني ۾ وٺي ويو. ڊاڪٽر اَخبار پڙهي رهيو هو. سُميت ڊاڪٽر کي اَدب سان عرض ڪيو، ''ڊاڪٽر صاحب! منهنجي دوست کي ڏسو. هن کي ڏڪ لڳو آهي.`` ڊاڪٽر بيپرواهيءَ سان چيو، ''ٿورو ترسو، منهنجو ڪمپائونڊر اَڃان آيو ڪونهي. ڪمپائونڊر اَچي هِنَ جي ملم پٽي ڪندو. اِئين چئي هُو وري اخبار پڙهڻ ۾ مَحو ٿي ويو. سميت ڏاڍي نيزاريءَ واري نوع ۾ عرض ڪيو، ''ڊاڪٽر صاحب جلدي ڪريو، هن جو رت تہ بند ئي نٿو ٿئي.``

''چا توهان وٽ پئسا آهن؟`` ڊاڪٽر پُڇيو. سميت کيسي مان ڏہ روپيا ڪڍي چيو، ''ها ڊاڪٽر صاحب، مون وٽ ڏہ روپيا آهن.``

ڊاڪٽر چيو، ''ڏهن روپين مان چا ٿيندو؟ ملم پٽي ۽ گورين تي اَٽڪل سؤ روپيا خرچ اَچي ويندو.``

سميت عرض ڪندي چيو، ''ڊاڪٽر صاحب، توهان هن جو علاج ڪريو، باقي پئسا مان توهان کي سُڀاڻي ڏيندس.``

''منهنجي توهان سان سڃاڻپ ئي ڪانهي. اَجايو منهنجو وقت نہ وڃايو.`` ڊاڪٽر لاپرواهيءَ سان وراڻي ڏني.

ڊاڪٽر جي بي رُخيءَ سبب سميت کي ڏاڍو ڏُک ٿيو. دل ۾ چيائين ڪهڙو نہ خودغرض ۽ بي رحم ڊاڪٽر آهي. ڪيس ڊاڪٽري فرض جي ڄاڻ ئي ڪونهي. ماڻهوءَ جي تڪليف کان وڌيڪ ڪيس پئسا پيارا آهن.

سميت، اَميت کي اُتان وٺي ڊاڪٽر هيرالعل جي دواخاني ۾ آيو. هيرالعل وٽ ماڻهن جي ڪافي پيڙ هئي. قطار ۾ بيهڻ سان اَميت جو نمبر اَچڻ ۾ تمام دير ٿئي ها. سميت لاچاريءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.





ڊاڪٽر اَندر پنهنجي ڪيبن ۾ مريضن کي تپاسي رهيو هو. هُن ڪاچ جي دريءَ مان اَميت کي اندر ايندو ڏٺو. هُوتڪڙو ٻاهر نِڪري آيو. هُن اَميت کي دلداري ڏيندي چيو، ”گهبرائڻ جو ڪو ضرور نہ آهي. مان جلد تو توکي ٺيڪ ڪريان. ڊاڪٽر اَميت جي زخم کي صاف ڪيو. تنهن کان پوءِ ملم پٽي ڪري ڪيس گوريون ڏنيون.

سميت چيو، ”ڊاڪٽر صاحب، هي حادثو تہ اوچتو ٿي پيو آهي. اَسان گهران پئسا کڻي ڪونہ آيا آهيون. مون وٽ تہ فقط ڏهہ روپيا آهن.“ اِئين چئي سميت کيسي مان ڏہ روپيا ڪڍي ڊاڪٽر ڏانهن وڌايا.

ڊاڪٽر سميت کان پئسا نہ ورتا، مُشڪندي چيائين، ”پئسا اَچي ويندا. توهين ڪو خيال نہ ڪريو. اَميت کي وڃي گهر ۾ آرام ڪرايو.“

سميت، اَميت کي سندس گهر وٺي آيو. ٻئي دوست سوچڻ لڳا تہ ڊاڪٽر هيرالعل ڪهڙو نہ نيڪ دِل اِنسان آهي. هن کي اِنساني حياتيءَ جي اَهميت معلوم آهي. خلق جي خدمت سان خالق راضي ٿئي ٿو. ڊاڪٽر گلابراءِ جهڙا اِنسان تہ فقط پنهنجي لاءِ جيئن ٿا. کين عام جي شيوا ڪرڻ يا دکہ درد دوُر ڪرڻ جي ڪا پرواهہ نہ آهي. ڊاڪٽر هيرالعل بيشڪ همدرد، نيڪ ۽ رحمدل اِنسان آهي. سميت چيو، ”مان تہ جيڪر اِئين چوان تہ ڊاڪٽر هيرالعل اِنسان جي روپ ۾ فرشتو آهي. اَميت چيو، ”هي ڊاڪٽر سچ پچ اِنسان - دوست آهي.“

**نوان لغظ :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَدب - فضيلت | نوع - اَنداز | عرض - وينتي | سمان - برابر |
| مريض - بيمار | خالق - مالڪ، ايشور | خدمت - شيوا | فرشتو - ڀڳوان جو دوُت |
| محو ٿيڻ - مشغول ٿيڻ | | | |

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) اِسڪوٽر جي ٽڪر لڳڻ سان اَميت کي ڇا ٿيو؟
۲) ڊاڪٽر گلابراءِ اَميت جي ملم پٽيءَ ۽ گورين جو گهڻو خرچ ٻڌايو؟
۳) سميت ڊاڪٽر جي ٻي رخيءَ تي دل ۾ ڇا چيو؟
۴) اَميت کي اَندر ايندو ڏسي ڊاڪٽر هيرالعل ڇا ڪيو؟
۵) ڪنهن جي خدمت سان خالق راضي ٿئي ٿو؟

**سوال ٢ : هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) اِسڪوٽر وارو ........ ڏسي اُتان ڪِسڪي ويو.

٢) ڊاڪٽر جي ........ سبب سميت کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

٣) هن ڪي اِنساني حياتيءَ جي ........ معلوم آهي.

**سوال ٣ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”ڇا توهان وٽ پئسا آهن؟“

٢) ”باقي پئسا مان توهان کي سڀاڻي ڏيندس.“

٣) ”گهٻرائڻ جو ڪو ضرور نہ آهي.“

**سوال ۴ (الف) : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

دوستي، علاج، ڏک، حادثو، نيڪ

**(ب): هيٺين جا ضد ڏيو :**

اَندر، صاف، رحمدل، دوست

**(ڪ): هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

دوستي، زخم، اَدب، لاپرواهي، دک، لاچاري

**(ڊ) : ڏنگين ۾ ڏنل هدايت اَنوسار زمان بدلايو.**

١) اَميت هيٺ ڪِري پيو. (زمان حال)

٢) ڊاڪٽر سميت کان پئسا نہ ورتا. (زمان مستقبل)

٣) هوُ تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. (زمان حال)

۴) باقي پئسا مان توهان کي ڏيندس. (زمان ماضي)

**هدايت :** ماستر، شاگردن کي هڪ سُٺي دوست، ۽ هڪ سُٺي ڊاڪٽر جي گڻن جي باري ۾ ٻڌائيندو.

**مشغولي :** ماستر، شاگردن کي ڊاڪٽر ۽ مريض جي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١) توهين ڪڏهن بيمار ٿيا آهيو؟ بيماريءَ جي حالت ۾ ڪهڙي ڊاڪٽر وٽ وَيا آهيو؟ توهان کي ڪهڙي تڪليف هئي؟ توهان جي مائٽن بيماريءَ ۾ توهان جي سار ڪيئن لڌي؟ توهان کي نيڪ ٿيڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳا؟ ڇا توهان بيماريءَ جي حالت ۾ اِسڪول مان غيرحاضر رهيا؟

متين سوالن جي آڌار تي اٺڪل ٨، ١٠ سٽن ۾ اَحوال تيار ڪريو:

٢) توهان کي ڄاڻ آهي تہ جدا جدا بيمارين لاءِ ڪي خاص ڊاڪٽر هوندا آهن. مثال ڏندن جو ڊاڪٽر، چمڙيءَ جي بيمارين جو ڊاڪٽر وغيره. اِنهن کي خاص نالن سان سڏبو آهي.

مثال :

١) ڏندن جو ڊاڪٽر - ڊينٽسٽ (**Dentist**)  ٢) دل جو ڊاڪٽر - ڪارڊيالاجسٽ (**Cardiologist**)

٣) چمڙيءَ جو ڊاڪٽر - ڊرميٽالاجسٽ (**Dermatologist**)

۴) هڏين جو ڊاڪٽر - آرٿوپيڊڪ (**Orthopedic**)

۵) ڪن، نڪ ۽ گلي جو ڊاڪٽر - اي.اين.ٽي اِسپيشلسٽ (**E.N.T Specialist**)

اَهڙي نموني ٻين بيمارين جي ڊاڪٽرن لاءِ ڪهڙا نالا ڪتب آڻبا آهن. اُها ڄاڻ، پنهنجن مائٽن، دوستن، ڊڪشنريءَ جي مدد سان يا لئبريريءَ ۾ وڃي حاصل ڪريو.

## اَچو تہ گيان وڌايون

مِثالُ :- ٻن ڦيٿن واري گاڏي - ٻہ ڦيٿي گاڏي.  مِثالُ ڏسي هيٺيون خاڪو پورو ڪريو :

| سوال | جواب |
|---|---|
| جتي چار رستا ملندا آهن | |
| سؤ سالن جو مدو | |
| ٽن ڦيٿن واري گاڏي | |
| ڇهن ڪنڊن واري جاميٽري ۾ شڪل | |
| ڏهن سالن جو مدو | |
| ست ڏينهن | |
| جتي ٽي رستا ملندا آهن | |
| هڪ تار وارو سنگيت جو ساز | |
| ٻارهن مهنا | |
| پنجن سٽن وارو شعر | |

## واندڪائيءَ جي وندر

### تالا ڪيترا؟

ڏنل چترن ۾ گهڻا تالا آهن؟ انهن کي ڳڻڻ ائين تہ مشڪل ڪم آهي پر توهان لاءِ هو مشڪل ڪم نہ آهي. ٻڌايو تہ ڪل ڪيترا تالا آهن؟



# ١۴. عُضون جو جَهيڳڙو



اِنسان جي سرير ۾ جدا جدا عضوا آهن. جهڙوڪ اَکيون، ڪن، وات، هٿ، پير وغيره. هرڪنهن عضوي جو ڪم مقرر ٿيل آهي. اَکيون ڏسن ٿيون، ڪَنَ ٻُڌن ٿا، وات کاڌو کائي ٿو، هَٿَ هاج ڪن ٿا ۽ پير پنڌ ڪن ٿا. هڪ دفعي سڀني عضون جو اَچي وات سان جهڳڙو ٿيو.

جهڳڙو هٿن شروع ڪيو. مانيءَ جو گره وات تائين پهچائيندي هٿ سوچڻ لڳا، اَسين وات کي جيڪو کاڌو پهچايون پيا، اُهو کاڌو تہ اَسان ئي تيار ڪيو آهي. ٻنيءَ ۾ محنت ڪري پاڄيون، اَناج ۽ ميوا بہ اَسان پيدا ڪيا. وات تائين اِهو کاڌو پهچائڻ جو ڪم بہ اَسين هَٿ ئي ٿا ڪريون. پر اَسان کي تہ ڪجهہ نصيب نٿو ٿئي. سڀ ڪجهہ وات کائي ٿو وڃي. سڀ سواد وات ئي ٿو ماڻي. هيءُ ڪهڙو اِنصاف آهي!

هَٿَ واتَ کي روزُ کاڌو پَهُچائين ٿا، اِهو اَکيون بہ ڏِسنديون هُيون، هَٿ هرروز سَوادي، دِلِڪَشِ طعام وات کي پهچائيندا هئا. اَکيون فقط اُنهن جي سونهن ڏسنديون هيون. اَکين کي طعام جي ذري بہ پلئہ ڪانہ پوندي هئي.

پيرن کي پڻ شِڪايت هئي. هوُ هَٿن کي چَوڻ لڳا تہ ”پائي، توهين محنت ٿا ڪريو تہ اَسان بہ اَوهان جيتري محنت ٿا ڪريون. پنڌ ڪري توهان کي سڀني هنڌن تي وٺي هلون ٿا، تڏهن ئي توهين پنهنجو ڪم ڪري سگهو ٿا. اَسان کان سواءِ توهين اِهو سڀ ڪيئن ڪري سگهندا؟ وات کي ڏسو! ڪڏهن اَسان کي سَڪِڻو پُڇي بہ ٿو تہ توهان جو ڪَهڙو حال آهي؟ مان تہ روز طعام کائيندو آهيان، هڪ دفعو منهنجي بدران توهان بہ کٽي کائو. وات ڏاڍو خودمطلبي اَٿو، رُڳو پنهنجي سواد جو اونو اٿس.

اُنهن جون اِهي ڳالهيون ٻڌي پيٽ بہ ٻولڻ شروع ڪيو. چيائين، ”توهان سڀني کان وڏيڪ ظُلمُ تہ

مون سان آهي. جيڪي بہ وات کي ملي ٿو، اُن جو سواد وٺي پوءِ سڀ ڪجهہ منهنجي اَندر اُڇليندو وڃي ٿو. مان ڍاپجي وَڃان، پر هِن کي ڍؤ ئي ڪونہ ٿئي. اِئين مونکي مَرضَ ۾ ڦاسائيندو پَيو وَڃي. ڪَڏهن بَدِهاضمو تہ ڪَڏهن ٻئي مرض ۾ مُبتلا پاڻ چشڪا وٺي مان ڏُکُ ڀوڳيان، ڇا اِهو انصاف آهي؟''

سَيني عُضون پاڻ ۾ صَلاح ڪري فيصلو ڪيو تہ اَسين هِنَ کان پوءِ وات کي ڪُجهہ بہ نہ ڏينداسين. پوءِ ڏسون تہ ڪيئن ٿو سَوادُ ماڻي! هٿن ڪم بند ڪيو، پيرن پنڌ ڇڏيو، وات کي کائڻ لاءِ ڪُجهہ نہ مليو. اَول تہ سَيني کي ڏاڍو آرام مليو، پيٽ کي ڏاڍي فرحت آئي. چوويهن ڪلاڪن بعد پيٽ ۾ ڪلوس-ڪلوس شروع ٿي. پيٽ کي کاڌو نہ مليو تہ سَرير ۾ نئون رت ڪونہ ٺهيو. رت جي گهٽجڻ سان اَکيون، هٿ، پير نِستا ٿيڻ لڳا. سندن سگهہ گُم ٿيڻ لڳي. پيٽ کي ٻک جا وَڍَ پوڻ لڳا، سو وڌيڪ صبر نہ ڪري سگهيو. هٿن کي نيزاري ڪري چيائين، ''بابا! مان بيحال ٿي ويو آهيان. ڪم شروع ڪيو، کاڌو تيار ڪري وات کي کارايو نہ تہ مون سان گڏ توهان سيني جو خير ڪونهي. ٻين عضون بہ پنهنجي غلطي محسوس ڪئي. هاڻي کين سمجهہ ۾ آيو تہ جڏهن وات پنهنجو کائڻ جو مقرر ڪم ڪري ٿو، تڏهن ئي اَسان سڀ هلي چلي سگهون ٿا. هڪ ٻئي جي سهڪار کان سواءِ ڪنهن جو بہ جيئڻ مُحال آهي، اِها سمجهہ اَچڻ سان سيني عضون پنهنجو پنهنجو مقرر ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سڄي بدن ۾ نئين سِرِ چُستي آئي ۽ هرڪو عُضوو اَڳي وانگر ڪَمُ ڪَرڻ لڳو.

**نوان لفظ :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| هاڄ - ڪم | خود - پاڻ | فرحت - راحت، آرام | اونو - خيال |
| مُحال - ڏکيو | طعام - سوادي کاڌا | ڍاپجڻ - پيٽ ڀرجڻ | سگهہ - همت، طاقت |
| مبتلا - ڦاٿل | نِستا ٿيڻ - ساٽا ٿيڻ | نيزاري ڪرڻ - وينتي ڪرڻ، عرض ڪرڻ | |
| ٻک جا وڍ پوڻ - ڇِتي بُک لڳڻ | | | |

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) سيني عضون جو ڪنهن سان جهڳڙو ٿيو؟
٢) وات کي کاڌو ڪير پهچائين ٿا؟
٣) سيني عضون پاڻ ۾ صلاح ڪري ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
٤) پيٽ کي کاڌو نہ ملڻ ڪري ڇا ٿيو؟
٥) سيني عضون طرفان مقرر ڪم ڪرڻ سان ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

**سوال ٢ : هيٺين جملن ۾ خال ڀريو.**

١) سڀ ........ وات ئي ٿو ماڻي.
٢) ........ فقط اُنهن جي سونهن ڏسنديون هيون.
٣) توهان سيني کان وڌيڪ ........ تہ مون سان آهي.
٤) .......... جي گهٽجڻ سان اَکيون، هٿ، پير نِستا ٿيڻ لڳا.

**سوال ۳ : هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

ٻَڪ جا وڏ پوڻ، پلئه پوڻ، نيزاري ڪرڻ، نِستا ٿيڻ

**سوال ۴ : صِفتُون ٺاهيو :**

۱. محنت ۲. اِنصاف ۳. دل ۴. سواد

**سوال ۵ : ”عضون جو جهيڙو“ آکاڻي پنهنجن لفظن ۾ لکو.**

**هدايت :** ماستر سرير جي عضون جي اَهميت سمجهائيندو ۽ ساڳئي وقت گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڀاونا بابت مثال ڏيندو.

**مشغولي :** ٻار بدن جا عضوا ۽ اِنهن جا ڪم، اِهو چارٽ تيار ڪندا.

---

## پورڪ اَڀياس

**۱) سرير ۾ سڀ ڪِريائون سٺي نموني هلن اِن لاءِ سڀ عضوا يَڪمُشت ٿي سَهجيوي ڍَنگ سان ڪَم ڪن ٿا. ڪنهن ٻہ ڪَم جي ڪاميابي لاءِ سڀني جو سَهڪار ضروري آهي.**

**ڪِرڪيٽ راند ڪٽڻ ۾ ڪئپٽن، وائيس ڪئپٽن، بئٽس مين، بولر ۽ فيلڊر اُنهن سَڀني جو گڏيل يوگدان ضَروري آهي. اَهڙي نموني پَنج جدا جدا مثال ڏيو جِن ۾ ٽيم وَرڪ جي ضرورت آهي.**

**۲) رامچند هڪ بَنگلو ٺَهرايو اِن لاءِ هِن هيٺيان ڪَم ڪيا.**

**اِنهن جو صحيح سِلسِلو تيار ڪريو.**

(i) بنگلو تيار ٿيڻ

(ii) اِنجنيئر کان نقشو (بنگلي جو) تيار ڪرائڻ،

(iii) بَنگلي لاءِ زَمين وٺڻ،

(iv) سَرڪار کان بنگلو ٺَهرائڻ جي اِجازت وَٺڻ،

(v) ٺيڪيدار کي بَنگلو ٺهرائڻ لاءِ چوڻ.

**۳) نيها کي سَندس مامي کائڻ لاءِ زيتون ڏنو. نيها ڏاڍو خوش ٿي. هُن يَڪدم زيتون کاڌو. مٿئين مثال جي آڌار تي هيٺ ڏنل جملن جو صحيح سلسلو لکو.**

(i) زيتون جو هضم ٿيڻ.

(ii) مامي جو نيها کي زيتون ڏيڻ.

(iii) وات ۾ زيتون جو چٻاڙڻ.

(iv) زيتون جو وات کان کاڌي جي نليءَ تائين پهچڻ

(v) نيها جو زيتون وات ۾ وجهڻ

# ١٥. ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ تَلاءُ



وقت تہ رهندو ساڳيو ناهي،
رکجي ڪجهہ ڪجهہ هاڻ بچائي.

١. ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ سان تلاءُ ٿئي ٿو؛
داڻو داڻو پنڊارو ٿئي ٿو؛
گهُرج ويل سو، ڪم ۾ اَچي ٿو؛
قَدُرُ بچت جو تڏهن ٿئي ٿو؛
گُڻ هي بچت جو بهتر آهي؛
وقت تہ رهندو ساڳيو ناهي.

٢. پَنهنجي بچت تي نازُ ٿئي ٿو؛
خوش هر گهر جو ٻارُ رهي ٿو؛
قَرضُ گهرڻ جي بُري آ عادت؛
شال نہ اَهڙي ٻڻجي حالت؛
آئينده چڏبو اِئن جَرڪائي؛
وقت تہ رهندو ساڳيو ناهي.

٣. بئنڪ بچت پوءِ گهر ۾ بچت؛
رکو بچت سان سيئي اُلفت؛
بچت اَسان لئہ آٿَتُ آهي؛
هرڪنهن زخم تي مَلَمَ لڳائي؛
بچت ئي سڀ جو ڀاڳُ ٿي ناهي؛
وقت تہ ساڳيو رهندو ناهي.

## نوان لفظ :

ڦُڙي - ٽيپو　　آئينده - ايندڙ وقت　　اُلفت - پيار
ويل - وقت　　نازُ - فَخُر　　جَرڪائي - چمڪائي

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) ٻچت جو قَدُر ڪڏهن ٿئي ٿو؟

٢) ڪهڙي عادت بُري آهي؟

٣) شاعر ڪنهن سان اُلفت رکڻ لاءِ چوي ٿو؟

**سوال ٢ : هيٺين جا هم آوازي لفظ لکو.**

١. ناهي　　٢. عادت

٣.ٻَچت　　٤. داڻو

**سوال ٣ : بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ١) ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ سان | الف) اِئن جَرڪائي |
| ٢) پنهنجي ٻچت تي | ب) ٻارُ رهي ٿو |
| ٣) خوش هر گهر جو | ب) نازُ ٿئي ٿو |
| ٤) آئينده چڱو | پ) تلاءُ ٿئي ٿو |

**هدايت :** ماستر ٻارن کي سُر سان بيت چوائيندو.



**مشغولي :** ١) ماستر ٻارن کي بئنڪ ۾ کاتو کولي ٻچت ڪرڻ لاءِ چوندو.

٢) ماستر شاگردن کي ’ٻچت‘ جي اَهميت تي ١٠ کان ١٥ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

٣) ماستر شاگردن کي هيٺ ڏنل چِتر ڏيکاري الڳ الڳ شين جي ٻچت ڪيئن ڪري سگهجي ٿي، پڇندو.



# اَچو تہ گيان وڌايون



**ٽڪر پڙهي، اُن جي هيٺيان ڏنل سوالن جا جواب لکو :-**

هڪ اُتساهي نوجوان رام ڪرشن پرمهنس جي شيوا ۾ پهتو. نوجوان سندس چرڻن تي جُهڪي وينتي ڪئي تہ مهاتما! مونکي پنهنجو شش بڻايو ۽ گرومنتر ڏيو.

نوجوان جي ڳالهہ ٻڌي رام ڪرشن پرمهنس مُسڪرائڻ لڳو ۽ پڇيائين، ”تنهنجي پريوار ۾ ڪير ڪير آهي؟“

”منهنجي پريوار ۾ مان ۽ منهنجي ٻڍڙي ماتا رهندا آهيون.“ نوجوان جواب ڏنو.

رام ڪرشن پرمهنس، ”گرومنتر وٺي ساڌو ٿيڻ چاهين ٿو ڇو؟“

نوجوان چيو، ”مان هن موهہ مايا ۾ ڦاٿل سنسار مان، مُڪتي پائڻ چاهيان ٿو.“

پنهنجي ٻڍڙي ماءُ کي بي سهاري ڇڏي توکي ڪنهن بہ حالت ۾ مُڪتي نہ ملي سگهندي. تُنهنجي سچي مڪتي تہ اِن ۾ ئي آهي تہ تون پوري شرڌا، ڀڳتي ۽ نشٺا سان پنهنجي ٻڍڙي ماءُ جي شيوا ڪر. جيون جو سچو راز اِهو ئي آهي.

وديارٿي جيون کانپوءِ بہ گرو شش کي اِها ئي سکيا ڏيندو آهي. ماتر ديوو ڀوَ مطلب تہ ماتا ديوتا جو روپ آهي. هُنَ جي سنڀال لهڻ هر اؤلاد جو فرض آهي.

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) نؤجوان رام ڪرشن پرمهنس کي ڪهڙي وينتي ڪئي؟
۲) نؤجوان جي ڪٽنب ۾ ٻيو ڪير هو؟
۳) ٽڪر مان اُهي لفظ ڳولهيو جيڪي هندي ٻوليءَ ۾ پڻ ڪتب ايندا آهن؟
۴) **هيٺين لفظن جا ضد لکو.**
۱. سچو ۲. جيون ۳. شش
۵) هن ٽڪر کي نهڪنڊڙ سرو ڏيو.

- توهان پنهنجي ماءُ جي شيوا ڪيئن ڪندا آهيو. ٿوري ۾ بيان ڪريو.

# ١٦. اَسان جو قومي ترانو



”جَنَ گَڻَ مَنَ ....“ ڀارت ديش جو قومي ترانو آهي. مهاڪوي رابيندرناٿ ٽئگور هي ترانو لکيو آهي. اَصل ۾ هن پنجن پئرائن وارو اِهو گيت برهمو سماج جي پوئلڳن لاءِ پرارٿنا واسطي لکيو هو. قومي ترانو اُنهن پنجن پئرائن مان پهرين پئرا آهي ۽ اُنهيءَ سان گڏ پوئين سِٽ به جوڙي ويئي آهي.

هي قومي ترانو ڳائڻ ۾ 52 سيڪنڊ لڳن ٿا.

پهريون دفعو 27 ڊسمبر سنه 1911ع تي ڪلڪتي ۾ ڪانگريس اِجلاس وقت هي ترانو ڳايو ويو هو. سنه 2011ع ۾ هن تراني هڪ صدي پوري ڪئي آهي.

ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ 26 جنوري سنه 1950ع ۾ ڀارت جو سَنوڌان لِکندڙ اَسيمبليءَ هِن گيت کي قومي تراني جو درجو ڏيئي تسليم ڪيو.

’جَن گَن مَنَ ...‘ تراني جو بنگاليءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو مسٽر عابد عليءَ ڪيو آهي. هن تراني لاءِ سازن جا سُرَ ۽ آواز ماٺيٽا ۽ ٿڌا هوندا آهن.

ڀارت سرڪار پاران ڇپايل ’جنرل اِنفرميشن اَئنڊ گائيڊ‘ ۾ هِن تراني ڳائڻ لاءِ هدايتون ڇپيل آهن ته جڏهن ۽ جتي به هيءُ ترانو ڳايو وڃي، سڀني حاضرين کي ديش لاءِ ڀڳتيءَ ۽ عزت جي ڀاونا سان اُٿي بيهڻو آهي.

هِن قومي تِراني جو اَرٿُ آهي ته - هي ڀارت ديش! سڀني خاص ۽ عام ماڻهن جي دلين تي توهان راڄ ڪريو ٿا. پنجاب، سنڌ، گجرات، مهاراشٽر، دراوڙ، اوڙيسا ۽ بنگال ۾ به توهانجو نالو ڳائجي ٿو. نه صرف شهرن ۾ پر پهاڙن، ندين، ماٿرين، ميدانن ۽ هندي وڏي سمنڊ ۾ به توهانجي نالي جي گُونج آهي. ونڌيا، هماليه، گنگا، جمنا ۾ به توهانجي نالي کي گُنگنائن ٿا ۽ توهانجي آشيرواد لاءِ ساراه ڪن ٿا. توهانجي جئه ٿئي، جئه ٿئي ۽ جئه ٿئي.

**نوان لفظ :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| پوئلڳ - پيروي ڪندڙ | صدي - سؤ سال | تسليم - قبوُل | سنوڏان - جوڙجڪ |
| حاضرين - مؤجود | گوُنج - پڙاڏو | آشيرواد - آسيس | |

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) اَسانجو قومي ترانو ڪنهن لکيو آهي؟

۲) قومي ترانو پهريون دفعو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڳايو ويو هو؟

۳) قومي تراني جو هندي ترجمو ڪنهن ڪيو؟

۴) قومي ترانو ڳائڻ لاءِ ڪهڙي هدايت ڪيل آهي؟

**سوال ۲ : هيٺ ڏنل لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

پرارٿنا، اِجلاس، درجو، هدايت، عزت.




**هدايت :** ماستر شاگردن کي قومي ترانو ڳائي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي قومي تراني جي معنيٰ گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

۱) جن گڻ من .... قومي تراني کي ياد ڪري ڳائڻ جو اڀياس ڪريو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريو.

(i) ندين جا نالا ----------------------------------------

(ii) راڄين جا نالا ----------------------------------------

(iii) جبلن جا نالا ----------------------------------------

(iv) هم آوازي لفظ ----------------------------------------

۲) ڀارت جو راشٽريہ گيت ’وندي ماترم‘ آهي. هِن گيت بابت ۸ کان ۱۰ جملن ۾ ڄاڻ ڏيو.

۳) هيٺ ڏنل تصوير سڃاڻو ۽ اُن جي باري ۾ اِنٽرنيٽ يا ڪتابن مان ڄاڻ حاصل ڪريو.



# اَچو تہ راند جو مزو وٺون

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| شروعات | ١ | ٢ پارت جي راڄڌاني؟ | ٣ | ٤ | ٥ ميون جو راجا؟ | ٦ اِنڊلٽ |
| ٧ ممبئي | ٨ جھنگل جو راجا؟ | ٩ | ١٠ اسان جو قومي پکي؟ | ١١ | ١٢ اَڪبر بادشاھ جو خاص رتن؟ | ١٣ |
| ١٤ راشٽرپتا؟ | ١٥ | ١٦ پرجاوادي ڏينھن؟ | ١٧ | ١٨ | ١٩ گيان | ٢٠ چاچو |
| ٢١ اَنب | ٢٢ لعل بھادر شاستري | ٢٣ | ٢٤ | ٢٥ پارت جو جھنڊو؟ | ٢٦ مھاتما گانڌي | ٢٧ |
| ٢٨ | ٢٩ ماءُ جي ماءُ؟ | ٣٠ | ٣١ پارت جو پھريون پرڌان منتري؟ | ٣٢ ڌرتيءَ جي ويجھي ۾ ويجھو تارو؟ | ٣٣ | ٣٤ ناني |
| ٣٥ پيءُ جو پياءُ؟ | ٣٦ | ٣٧ | ٣٨ ست رنگي پٽو؟ | ٣٩ | ٤٠ بيربل | ١٤ چٽسالي |
| ٤٢ | ٤٣ ترنگو | ٤٤ ھماليہ جي چوٽي؟ | ٤٥ | ٤٦ | ٤٧ نئين دھلي | ٤٨ |
| ٤٩ شينھن | ٥٠ | ٥١ ڄئہ جوان ڄئہ ڪسان جو نعرو؟ | ٥٢ مريض جو علاج ڪندڙ؟ | ٥٣ اَگيان جو ضد؟ | ٥٤ | ٥٥ ماؤنٽ ائوريسٽ |
| ٥٦ ٢٦ جنوري | ٥٧ سچ | ٥٨ مور | ٥٩ | ٦٠ مھاراشٽرا جي راڄڌاني؟ | ٦١ | ٦٢ |
| ٦٣ | ٦٤ گلڪاريءَ جو ٻيو لفظ؟ | ٦٥ | ٦٦ جواھر لعل نھرو | ٦٧ ڊاڪٽر | ٦٨ | واڌايون توھان کٽيو |

ھدايتون :- مٿين راند ھڪ کان وڌيڪ ٻار کيڏي سگھن ٿا.

١. لوڊو راند جيان ھِن راند ۾ ڇَڪي (ڊراو) ۽ گوٽين جو اِستعمال ٿيندو آھي. ٢. شروعاتي خاني تي گوٽيون رکي ڇڪو ھلائي راند شروع ڪبي. ٣. جنھن خاني ۾ توھان پھچو ٿا. اُھو سوال پڙھو ۽ صحي جواب ڳولھي اِن خاني تي توھان کي وڃڻو آھي. جواب ڳولھيندي ڳولھيندي توھان ڪڏھن ھيٺ تہ ڪڏھن مٿي. ٤. جيڪڏھن توھان جواب واري خاني تي پھچو ٿا تہ توھان کي اُتي ئي رھڻو آھي ۽ پنھنجي واري جو انتظار ڪرڻو آھي. ٥. اَھڙي نموني راند ڪندي جيڪو پھريائين آخري خاني تي پھچندو تہ چئبو ”ھن راند کٽي.“

# ١٧. پرتِگيا



شِواجي مهاراج ڇرڪ ڀَري ننڊ مان جاڳي پيو ٿو. اَڪين کُلڻ تي پنهنجي اَڳيان هِڪ سورهن سالن جو نوجوان ڏسي ٿو. جنهنکي هٿ ۾ ننگي تلوار هئي. جَوانُ شِواجي مهاراج کي مارڻ لاءِ تلوار هلائي ٿو. پٺيان شِواجيءَ جو ويرُ سيناپتي تاناجي جَوانَ جو هٿ روڪي ڇڏي ٿو.

شواجي : جوان! ڇا تون ڄاڻين ٿو ته تو ڪيڏو نه وڏو گُناهُ ڪيو آهي؟

جَوان : (بي ڊَپائيءَ سان) هائو، ڄاڻان ٿو ۽ اُن جي سَزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان.

شواجي : مگر اِهو ته ٻُڌاءِ مون تُنهنجو ڇا بِگاڙيو آهي، جو تون مونکي مارڻ لاءِ تيارُ ٿئين؟

جَوان : (پڇتاءَ وچان) مهاراج! اَوهان مُنهنجو ڪُجهه ڪين بِگاڙيو آهي. مون هيءُ پاپُ فقط پَنهنجي پاپي پيٽ لاءِ ڪرڻ چاهيو ٿي. ٻه سال ٿيا ته مُنهنجو پيءُ مُغلن سان يُڌ ڪندي مارجي ويو هو. مونکي ۽ مُنهنجي ماءُ کي ٽِنِ ڇَئن مهنن کان پُورو پيٽ ڀري کائڻ لاءِ کاڌو به ڪينَ مليو هو. اَوهان جي دُشمن مون کي چَيو ته ”جيڪڏهن تون شِواجيءَ جو خون ڪري اَچين ته مان توکي هِڪ سؤ روپيا ڏيندس.“ مان اِنهيءَ لالچ ۾ ڦاسي اَوهان کي مارڻ لاءِ هِتي آيو هوس. ايشور جي اَپار ڪرپا سان اَوهانجي وير سيناپتيءَ اَوهان کي مَرڻ کان ۽ مون کي هِنَ وَڏي پاپ کان بچائي وَرتو.

شواجي : هاڻي تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟

جَوان : مرضي! بس، اِهائي مرضي اَٿم ته مون کي سخت ۾ سخت سَزا ڏيو ۽ مان اُها سِرُ جُهڪائي سهان.

شواجي : (ٻاهرئين نموني) تاناجي! هِنَ کي توبَ سان اُڏائي ڇڏيو.



جَوان : (هٿ جوڙي) مهاراج! فقط هڪ پرارٿنا آهي اُها هيءَ آهي تہ مون کي پنهنجي ماءُ سان گڏجڻ لاءِ فقط هڪ ڪلاڪ جي موڪل ڏيو.

شواجي : ڇا تون وري واپس ايندين؟

جَوان : مهاراج! اَوهان مُنهنجي وَچن تي وشواس ڪريو. مان هِڪَ سَچي کتريءَ جو پُٽ آهيان.

شواجي : چڱو وڃ. (جوانُ وڃي ٿو.)

تاناجي : مهاراج! هيءُ جوان تہ ڏاڍو بهادر ٿو ڏسجي. مون کي تہ مَٿس دَيا ٿي اَچي.

شواجي : تاناجي! ڇا سمجهين ٿو تہ مان هِنَ کي مارائي ڇَڏيندس؟ ڪڏهن بہ نہ. مان تہ سندس پريکيا وٺي رهيو آهيان. سيناپتي! شواجي هيرن جي پرکہ ڪرڻ ڄاڻي.

تاناجي : مهاراج! اَوهين مهان آهيو.

شواجي : ائين نہ چَئُہ تاناجي! جيڪڏهن تون منهنجي رکيا نہ ڪرين ها تہ اَڄ مان جيئرو ڪِين هجان ها! تنهنجي ڀَلائيءَ جو بَدلو هِن جَنم ۾ تہ ڇا، جَنم جنمانتر ۾ بہ چُڪائي نہ سگهندس.

(اوچتو جوانُ جو اَچڻ، جوان ڏانهن نِهاري شواجيءَ جو چوڻ)

شواجي : جَوان! تون ايتري ۾ ڪيئن اَچي وَئين؟

جَوان : (هٿ جوڙي) مهاراج! مان گهرِ ويُس تہ مُنهنجيءَ ماءُ مون کي گهٽي پيار مان ڇاتيءَ سان لڳايو، هُن جو پريم ڏسي، مون خيال ڪيو تہ جيڪڏهن ڪيس سڄيءَ حقيقت کان واقُفُ ڪندس، تہ هوءَ مون کي ڇڏيندي ڪين ۽ مُنهنجي پرتگيا پوري نہ ٿيندي. اِئين سوچي مان کيس ڪجھ چوڻ کان سواءِ ئي موٽي آيو



آهيان. هاڻي اَوهان بيشڪ مون کي ماريو، پر مَرڻ کان اڳ منهنجي هڪ پرارٿنا آهي.

**شواجي** : ڇئہ، ڪهڙي آهي؟

**جَوان** : اُها هيءَ آهي تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ ڏِسجو، جئن منهنجي ماءُ کي ڪو ڪَشٽُ ڏِسڻو نہ پَوي.

**شواجي** : (جَوان کي گلي لڳائي) وير جوان! مون اَڳيئي تنهنجو ڏوهہ معاف ڪري ڇڏيو هو. مان تہ فقط تنهنجي پريکيا وٺي رهيو هوس.

(جوان شواجيءَ جي پيرن تي ڪِري پوي ٿو ۽ شواجي کيس اُٿاري، وري گلي لڳائي ٿو)

**شواجي** : جَوانُ! جيتري شرڌا تنهنجي ماتا تي آهي، اوتري ئي ماتريوميءَ تي بہ هئڻ گهرجي، اَڄ کان پرتگيا ڪَر تہ مون وٽ رهي، جندُ جان سان ماتريوميءَ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪندين.

**جوان** : (هٿ جوڙي) مهاراج! اَوهان مونکي ۽ مُنهنجي ماتا کي جيِءَ دان ڏنو آهي؛ اِنهيءَ ڪري هيءُ ٻالڪ اَوهانجا چَرَڻَ ڇُهي (شواجيءَ جا چرڻ ڇُهي ٿو) پرتگيا ڪري ٿو تہ ساري زندگي اَوهان جي ۽ جنني جنم ڀوُمي ڀارت ماتا جي سيوا ڪندو رهندُس. آسيس ڪريو تہ پنهنجا فرض پالڻ ۾ ڪامياب ٿيان.

**شواجي** : مُنهنجي دِلي خواهش آهي تہ تون پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪامياب ٿين.

**نوان لفظ :**

چرڪ ڀَرڻُ - حيرت ۾ پوڻ

پرک ڪرڻ - سڃاڻڻ

ڦاسي پوڻ - اَٽڪي پوڻ

خُواهِش - اِڇا، چاهہ

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) شواجي مهاراج اَکہ کُلَکَ تي ڇا ڏٺو؟

٢) شواجيءَ جي جان ڪنهن بچائي؟

٣) نَوجَوانُ، مهاراج کي مارڻ لاءِ ڇو تيار ٿيو؟

٤) نَوجَوانَ، شواجيءَ کي ڪهڙي پرارٿنا ڪئي؟

**سوال ٢ : هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ تو ڪيڏو نہ وڏو ڳُناهہ ڪيو آهي؟“

٢) ”مون هي پاپ فقط پنهنجي پاپي پيٽ لاءِ ڪرڻ چاهيو ٿي.“

٣) ”مهاراج! هيءُ جَوانُ تہ ڏاڍو بهادر ٿو ڏسجي.“

۴) ”وير جوان! مون اَڳيئي تنهنجو ڏوهہ معاف ڪري ڇڏيو هو.“

L7JSV4

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

١. ڪامياب  ٢.پاپ  ٣. زندگي  ۴.وشواس  ۵. بهادر  ٦. آزادي

**سوال ۴ : هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

١. جيءُ دان ڏيڻ  ٢. چرڪ پرڻ  ٣. ڦاسي پوڻ  ۴. پرک ڪرڻ

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي شواجي مهاراج جي اُدارتا وارن قصن جي ڄاڻ گڏ ڪري ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين مان هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملا سڃاڻو :**

١. ڇا، تون وري واپس ايندين؟

٢. هائو، ڄاڻان ٿو.

٣. پورو پيٽ ڀري کاڌو بہ ڪين مليو هو.

۴. هاڻي تُنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟

۵. اِئين نہ چئہ تاناجي.

**سوال ٢ : نفرت، موت، ڌِڪار ڪاٽو ڀاوَ (نفي) آهن ۽ خوشي، انعام، سک، اِهي واڌو ڀاوَ (شفي) وارا لفظ آهن.**

**هيٺين لفظن کي واڌو ڀاوَ ۽ ڪاٽو ڀاوَ ۾ ورهايو. جواب ڏنگين ۾ لکو :-**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. ويرَ ڀاوُ | (   ) | ٦. لالچ | (   ) |
| ٢. پيار | (   ) | ٧. پرارٿنا | (   ) |
| ٣. ڳناهہ | (   ) | ٨. سزا | (   ) |
| ۴. مارڻ | (   ) | ٩. اُدارتا | (   ) |
| ۵. پاپ | (   ) | ١٠. ڪشٽ | (   ) |

**سوال ٣ : مُناسب جاين تي بيهڪ جوُن نشانيوُن وجهي جُملا وري لکو :**

١. رامَ چيو شيام ڪالهہ ميدان ۾ راند ڪَرڻ چو نہ آئين

٢. پَشو ڪَليان ڏينهن دَلپترا شَهر جي نَگر سيوڪ جانورن جي بَچاءَ بابت هِڪ سني تقرير ڪئي

٣. هاڻي مان توهان کي هڪ سني آکاڻي ٻڌايان ٿي داديءَ سيني جو ڏيان ڇڪائيندي چيو

۴. اَڙي واهہ چاچا منهنجي لاءِ بہ آئيسڪريم وٺي آيا آهن

۵. هريش ماءُ کي چيو مان ديش جي شيوا ڪندس

# ۱۸. بَھار

کوئل مٺڙي لات سُڻائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!

۱. وه وا! وڻ ٻوٽا ٿيا ساوا،
لامُن تي ڪچڙا پن چاوا،
هِتي هُتي ڏس، سونهن سَوائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!

۲. باغن ۾ بيحد گُلزاري،
ٽِڪي تي ڦُلواڙي سارِي،
ڀَؤنرو ڊِئي گُل کي واڌائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!

۳. فصل پڪا، سنگ بہ ٿيا سونا،
هاري ناري ٿيا ٻي-اونا،
چانئين گهر گهر ۾ سَرهائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!

۴. بلبل ڳائِي، چيهو ڳائِي،
پوپٽڙي پٽ پر ڦڙڪائِي،
جهرڪيءَ چون چون ڀڳت لڳائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!

۵. هلو سير تي هلون سڀيئِي،
خوب گهمون، هٿ ۾ هٿ ڏيئِي،
هير ٿڌيري دل هِر ڪائِي،
بھار آئِي، بھار آئِي!



## نوان لفظ :

| | | |
|---|---|---|
| لاَت - آوازُ | سوائي : وڌيڪ | ڀهڪڻ : خوش ٿيڻ |
| چيهو - هڪ پکي | لامَ - شاخ، ٽاري | گُلزاري - گُل ڦَل |
| بي اونو - بي فِڪر | سَرهائي - خوشي | |

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) بَهار اَچڻ تي وڻن ۾ ڪهڙو فرق اچي ٿو؟
٢) گل ڪي واڌايون ڪير ڏئي ٿو؟
٣) بهار جي مُند ۾ پکي ڇا ڪن ٿا؟
۴) هاري بي - اونا ڇو ٿين ٿا؟

**سوال ٢ : بيت جون سٽون پوريون ڪريو :**

١) باغن ۾ .......... بَهار آئي.
٢) هلو سير .......... بهار آئي.

**سوال ٣ : بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ١) وه وا! | الف) سُونهن سَوائي |
| ٢) هِتي هُتي ڏِسُ | ب) وڻ ٻوٽا ٽيا ساوا |
| ٣) فصُل پَڪا | پ) ڀَڳَت لڳائي |
| ۴) جِهرڪي چُوں چُوں | ڀ) سَنگَ به ٿيا سونا |

**هدايت :** ماستر شاگردن کي بهار جو بيت سُرتال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کي گڏجي ڳائڻ لاءِ چوندو.

**مشغولي :** ١) ماستر شاگردن کي بهار جي مند تي مضمون لکي اَچڻ لاءِ چوندو.
٢) ڏنل گلن جي تصويرن کي سڃاڻي، نالا لکو.



# ١٩. اَڄُ مان ڀڳوان سان ملُيس





اَڄُ تہ مان ڀڳوان سان ضَرور مِلندس. اِهو سوچيندي راڄ گهر مان نڪتو. رَستي تي هَلندي هَلندي اِهوئي ويچار سندس من ۾ وَرَ وَرَ اَچي رهيو هو. سوچڻ لڳو تہ مان هرروز رات جو سُمهڻ کان پهرين ۽ صُبحَ جو اُٿڻ مَهلِ ڀڳوان جي پرارٿنا ڪندو آهيان. ڪوبہ سُٺو ڪم ڪرڻ کان اَڳ ۾ ڀڳوان جو نالو وَٺندو آهيان. جڏهن بہ ڪا مُصيبت ايندي آهي اُن وقت ڀڳوان کي ياد ڪندو آهيان. اِهو سڀ سوچيندي سوچيندي راڄ رستي تان هلندي، ڀڳوان جي ڳولها ڪري رهيو هو.

هُن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هُن کي وڏيون وڏيون عمارتون، ڪيترائي ماڻهو، قُدرتي نظارا، وڻ ٽڻ، باغ باغيچا تہ نظر آيا پر ڀڳوان ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. هوُ اُداس مَن سان آهستي آهستي هلڻ لڳو. مَنَ ۾ اِهو پَڪو اِرادو هوس تہ اَڄ ڀڳوان سان ضرور ملندس. سامهون هڪ ساڌو اَچي رهيو هو. هُن کي ڏسي راڄ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. راڄ سوچيو، ”اَڄ تہ مون کي پنهنجي سُوال جو جَواب ضرور مِلندو.“

ساڌوءَ کان آشيرواد وٺي راڄ پُڇيو، ”ڀڳوان ڪِٿي ملندو، اَڄ مون کي ڀڳوان سان مِلڻو آهي.“ ساڌوءَ مُشڪي جواب ڏِنُس، ”مَندر ۾ وڃ، مَسجدِ ۾ وَڃ، گِرجا گهَر، گُردواري ۾ ڳولها ڪَرِ، پُٽ، ڀڳوان توکي ضَرور ملندو.“ بس، راڄ کي ٻيو ڇا کپندو هو؟ تڪڙا تڪڙا قدم کڻي هوُ هڪ مندر ۾ ويو. ڀڳوان جون مورتون ڏسي خوش بہ ٿيو، پر هوُ تہ ڀڳوان سان روبرو ملڻ پيو چاهي. اَهڙيءَ طرح هُنَ مَسجد، گِرجا گهر ۽ گُردوارا پڻ گهمي ڏٺا، پر ڪيس پورو سنتوشَ نہ مليو.

راڄ ٿَڪجي ٽُٽِجي هڪ باغ ۾ اَچي بَئنچ تي آرامي ٿيو. هاڻي ڪيس بُکہ بہ لڳي هئي، ٿيلهي مان بِسڪوٽ ڪڍي کائڻ لڳو. هُن جي سامهون هڪ پيرسن عورت ويٺي هئي جا راڄ کي ڏسي مُسڪرائي رهي هئي. بِسڪوٽ کائيندي راڄ پيرسن عورت کي مُشڪَندو ڏٺو. راڄ کي اُن عورت جي مُشڪ ۾ هڪ عجيب ڪَشَشِ نَظَرِ آئي ۽ هوُ تڪڙو تڪڙو اُن عورت ڏانهن وَيو.



’اَمان، تون بسڪوت کائيندينءَ؟‘

پيرسن عورت جواب ڏنس، ”ضرور کائينديس، جي تون پنهنجي هٿ سان کارائيندين.“ راج يڪدم پنهنجي ٿيلهي مان بِسڪوٽ ڪڍي، ڏاڏي شرڌا سان پيرسن عورت کي کارايا. ٻُڪ نہ هوندي بہ بسڪوت کائيندي هوءَ هڪ عَجيب آنند مَحِسوس ڪري رهي هئي. راج بہ بسڪوت کارائيندي هڪ اَنوکو اَحساس ماڻي رهيو هو.

راجِ، شام جي وقت ٻُڍيءَ کان موڪلائي گهر ڏانهن وِکہ وڌائي. ٿورو اَڳتي وڌي هُن پنيان نهاريو، ڏٺائين تہ پيرسن عورت مشڪندي کيس ڏسي رهي هئي. راج ڊوڙندي ٻيڍڙيءَ وٽ موٽي آيو ۽ کيس ڀاڪِرُ پاتائين. جڏهن راج گهر واپس آيو، تَڏهن ماءُ جي چَرِڻَنِ تي ڪري چوڻ لڳو، ’ممي، اَڄ مان ’ڀڳوان‘ سان مليس.‘ ماءُ کي سَربَستي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين.

پيرسن عورت جڏهن گهر پهتي، تڏهن گهرَ جي ڀاتين کي ٻُڌايائين، ”اَڄ منهنجي زندگيءَ جو چڻ مقصد پورو ٿي ويو. اَڄ مان ڀڳوان سان مليس. جنهن مونکي بسڪوت کارايا ۽ ڳالهيون ٻولهيون بہ ڪَيون، پر هِڪڙي ڳالهہ، هن جي عُمِر مون کان تمام ننڍي اَٿو.“

**نوان لفظ :**

مُصيبت - تڪليف    اُداس - دُکي    روبرو - آمهون سامهون    پِيرسن - ٻيڍڙي، ٻيڍڙو    چرڻ - پير

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) راجُ ڇا سوچيندي گهر مان نڪتو؟
٢) راجُ ڀڳوان کي ڪڏهن ياد ڪندو هو؟
٣) ساڌوءَ کي ايندو ڏسي راجُ ڇو خوش ٿيو؟
٤) ڀڳوان سان ملڻ لاءِ ساڌوءَ راج کي ڪٿي ڪٿي وڃڻ لاءِ چيو؟
٥) عورت جي مُشڪ ۾ راج کي ڇا نظر آيو؟
٦) واپِس گهر اَچي راج ڇا ڪَيو؟

**سوال ٢ : هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟**

١) ”ڀڳوان ڪٿي ملندو، اَڄ مون کي ڀڳوان سان مِلڻو آهي.“
٢) ”پُٽ، ڀڳوان توکي ضرور مِلندو.“
٣) ”اَمان، تون بسڪوُٽ کائيندينءَ؟“
٤) ”اَڄ مان ڀڳوان سان مِليَس.“

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

سُمهڻ، سنتوش، تکڙو، پيرسن، اَڳتي

**سوال ٤ : هيٺيان لفظ / اِصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو.**

پرارٿنا، عمارتون، خوشيءَ جي حد نه رَهڻُ، آرامي ٿيڻ، ڪَشِش

**سوال ٥ : هيٺين جُملن مان ظرف سُڃاڻو :**

١. اَڄ ته مان پکين سان ضرور ملندُس.

٢. پر پکيان ڪِٿي به ڏِسڻ نه آيُس.

٣. هوُ اُداس من سان آهستي آهستي هلڻ لڳو.

٤. راج يڪدم پنهنجي ٿيلهي مان بِسڪوٽ ڪڍيا.

٥. ٿورو اَڳتي وڌي هُن پُنيان نِهاريو.

## پورڪ اَڀياس

١) هن سبق ۾ دُهرايل لفظ ڳولهي ڪڍو.

مثال : هلندي - هلندي.

٢) آکاڻيءَ ۾ آيل سيني ڪردارن جا نالا لکيو.

٣) 'بسڪوُٽ' لفظ مان جدا جدا پنج لفظ ٺاهيو.

٤) 'اَڄ مان پکين سان مليس' سبق ۾ راج کي هڪ اَنوکو آزمودو مليو. توهين پڻ پنهنجي ڪنهن آزمودي بابت ٥ - ١٠ جملا لکو.

☺☺☺

## اَچو ته گيان وڌايون

**هيٺ ڏنل جملن ۾ 'ڪ' سان شروع ٿيندڙ لفظ ڪم آڻي خال پريو.**

١. اَسان کي خرچ ڪرڻ ۾ ........ نه ڪرڻ گهرجي.

٢. ........ نه ڪر، اِها شرير لاءِ نقصانڪار آهي.

٣. ٻار ........ جي ٻيڙي ٺاهي ڏاڍو خوش ٿيو.

٤. ڊاڪٽر ........ دور ڪرڻ لاءِ دوائون لکي ڏنيون.

٥. اوڙيسا جي پراڻي راڄڌاني ........ هئي.

٦. ٿيلهي ۾ ........ سنڀالي رک.

٧. ........ راند مهاراشٽر جي مکيه راند آهي.

٨. مان محنت ڪري ........ ٿيڻ چاهيان ٿو.

٩. آسٽريليا جو قومي جانور ........ آهي.

١٠. ........ ڦٽي نه ڪر، اِهو دٻي ۾ وجهه.

١١. سنگهه تازي ........ ٻوڙي.

١٢. اولهه بينگال جي راڄڌاني ........ آهي.

# ٢٠. حقدار ڪير؟



هَرجَسمَل اَناج جو هڪ وڏو واپاري هو. شهر ۾ هر طرف سندس واپار جي هاڪ هئي. ايشور جي مَهِرَ سان ڪيس ٽي پٽ هئا. ڪيس هَميشه اِها ڳڻتي سَتائيندي رَهندي هئي تہ ايڏي وڏي ڦهليل واپار جي ذميواري ڪنهن کي سونپيا؟ آخر هن جي من ۾ هڪ تجويز آئي.

هڪ ڏينهن هن ٽنهي پٽن کي گهرائي چيو، ”مان تيرٿ ياترا لاءِ ٿو وڃان. توهان ٽنهي کي هي ڳُلن جا ٻج ٿو ڏيان. سيني کي هِڪ ڄَهِڙا ءِ هِڪَ جيترا. توهين اِهي سنڀالي رکجو. مان جَڏهن واپس ايندس تہ توهين مونکي اُهي واپس ڏجو.“

نندي پٽ سوچيو متان اِهي ٻج ڪنهن نوڪر يا ڏارئي تائين پهچن ءِ خراب ٿي پون، اِن لاءِ سٺو ٿيندو تہ ڪين تجوڙيءَ ۾ سَنڀالي رکان.

وچين پٽ سوچيو تہ اِهي ٻج هينئر تازا آهن. بابا اَلائي ڪڏهن ياترا تان واپس ايندا. جي مان اِهي ٻج تجوڙيءَ ۾ بَند ڪري رکان يا ڪَٻٽ ۾ بند ڪري رکان تہ ضرور سُڪي سَڙِي ويندا. اِن لاءِ ڇو ڪين اِهي ٻج بازار ۾ وِڪڻي پئسا تِجوڙيءَ ۾ رکان. جَڏهن بابا ايندا اُن وقت تازا ٻِجَ خَريد ڪري بابا کي ڏيندس. هُن بازار ۾ ٻج وڪڻي پئسا پاڻ وٽ قابو ڪري رکيا.

ٽيون يعنيٖ وڏي ۾ وڏو پٽ، تنهن سوچيو تہ ٻج جي معنيٖ اُن مان ڪُجهہ پوک پَئدائش ٿيڻ گهُرجي. باقي جي اِئين ئي ٻج رکبا تہ ڪنهن بہ ڪم جا نہ ٿيندا ءِ اِها غلط ڳالهہ ٿيندي. 500 ٻِجن مان ڪيترا ئي نوان ٻِجَ پئدا ٿي سگهندا آهن. اِنڪري اِنهن ٻِجن مان پئدائش ٿيڻ گهرجي.

سال ڪان پوءِ هُنن جو پيءُ تيرٿ ياترا ڪري گهر واپس آيو. پهرين نندي پٽ ڪان ٻج لاءِ پڇيائين. پٽ پيءُ کي چاٻي ڏيندي چيو تہ ”بابا توهان جا ٻج تجوڙيءَ ۾ سنڀالي رکيا آهن. توهين پاڻ ئي چاٻيءَ سان تجوڙي کولي اِهي ٻج ڪڍو.“

هرجسمل جيئن ئي تجوڙي کولي هڪ تہ بانس،



ٻيو ته ٻج سڙي سکي بيڪار ٿي ويا هئا. ٻج کي نه سج جي روشني ملي ۽ نه وري تازي هوا. سو ٻج بيڪار ٿي سڙي ويا هئا. پتا چيو، ”پٽ تو هي ٻج لوهه جي تجوڙيءَ ۾ بند ڪري رکيا. ٻج کي کپي کليل آسمان، روشني ۽ هوا، زنده رهڻ لاءِ. جيڪو تو نه ڪيو. جتي خوشبوءِ اَچي ها، اُن جي بدلي بَدِبوءِ نِڪتي. تون بي سَمجهه نِڪتين، توکي جيترو ڏيئي ويو هوس اوترو ته واپس نه، پر مِلي سَڙيَلَ رَکَ يعنيِ ڪجهه به نه.“

وچون پُٽ تَکَڙِ ۾ وَڃي بازار مان ٻِجَ خريد ڪري اَچي پيءُ کي ڏنا. جنهن تي پيءُ چيس، ”تون ٿورو هوشيار آهين پر سَمجهوُ نه، جيترو ڏِنو هوم، اوترو ئي واپِس ڪَرڻ ۾ ڪا سِياڻَپ ڪانهي. تو ٻِجَ جو رازُ نه سَمجهُيو. ٻج جو مطلب آهي اُهو قَلي قولي. تون ننڍي کان ٿورو وڌيڪ هوشيار آهين، پر ملڪيت جو حقدار نه.“

وڏو پٽ پيءُ کي مَڪانَ پُٺِيان وَٺي ويو جتي سَڄو باغيچو گُلَنِ ۽ ٻِجَنِ سان ڀَرِيل هو. چَيائين، ”بابا هي آهن ٻج، جي توهان ڏنا هئا. توهان چيو ته اِهي ٻج واپس ڪجو پر مون اِهي پوکي ڇَڏِيا. هينئر اِهي ٻِج هِنَ سُندر صورت ۾ بيٺا آهن. اُنهن ۾ بيشمار ٻج لڳي چڪا آهن. هاڻي مان اَوهان کي اِهي ٻج هزارن جي تعدادَ ۾ واپس موٽائي رَهيو آهيان.

پيءُ به گلن وانگر ٽهڪي پَيو. ڪافي خوش ٿيندي چيائين، ”شاباس پُٽ، مونکي توتي ناز آهي. تنهنجي عَقُلَ ۽ سِياڻپ تي، بيشَڪ تون منهنجي مِلڪِيَت جو حَقدار آهين.“



**نوان لفظ :**

بيشمار - تمام گهڻا (بيحد)　　تَعداد - اَنداز　ناز - فَخُرُ　　تَجويز - رِٿَ　ﭴَٽِڻي - چِنتا

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :**

١) هرجسمل کي ڪهڙي ﭴَٽِڻي سَتائيندي رَهندي هئي؟

٢) هڪ ڏينهن هرجسمل، ڇنهي پٽن کي گهرائي ڇا چيو؟

٣) ننڍي پٽ ٻڇن جو ڇا ڪيو؟

٤) ٻڇ کي زنده رهڻ لاءِ ڇا ڪپي؟

**سوال ٢ : هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) شَهر ۾ هر طَرَف سندس ........ جي هاڪ هئي.

٢) تو ........ جو رازُ نہ سمجهيو.

٣) تون ننڍي کان ٿورو وڏيڪ ........ آهين.

**سوال ٣ : هيٺين جا ضد لکو.**

سڪل، وڪرو، بيڪار، روشني، بي سمجهہ

**سوال ۴ : هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

تجوڙي، باغيچو، بيشمار، تعداد

**سوال ۵ : هيٺين جُملن کي ڏنگين ۾ ڏنل زمان مؤجب بدلائي لکو.**

١) شهر ۾ هر طرف سَندَسِ واپارَ جي هاڪ هُئي. (زمان حال)

٢) مان تيرٿ ياترا لاءِ تو وَڃان. (زمان مستقبل)

٣) اِهي ٻِڇ سُندر صوُرت ۾ بيٺا آهن. (زمان ماضي)

## پورڪ اَڀياس

١) هيٺين لفظن کي اِسمِ، ضمير، صفت ۽ فعل ۾ ورهايو :

اَناج، ذميواري، تازا، سوچيو، ٻڇ، بيڪار، روشني، توهين، خوشبو، هوشيار، تون، راز، خوش، توتي، سياڻپ، حقدار.

٢) توهان درائنگ چٽاڀيٽي ۾ ڀَهرو وَرتو. توهان سُٺي مِحنت ڪئي. توهان اُن چٽاڀيٽي ۾ پَهريون نَمبرُ آيا.

توهان کي اِنعام ۾ هڪ ٽِرافي، هِڪُ سرٽيفڪيٽ ۽ پنج هزار روپيا روڪ اِنعام مليا. توهان اُهي پنج هزار روپيا ڪهڙي روپ ۾ ڪَتَبِ آڻيندا. اُن جي ننڍڙي وچوُر ڏاهيو.

# ٢١. باندَرَ جي چَتُرائي

ندي ۽ ڪِناري هِڪڙي وَڻَ تي،
هڪڙو باندر رهندو هو.
مَست مَزي ۾ ڦل ڦول کائي،
سُندر سَپنا لهندو هو.
مانگرمڇ هڪ يار هو هُن جو،
جنهن سان سچو پيار هو هُن جو،
هُن کي منڙا ڦل ڏيندو هو.
هوُ ئي هِڪُ دلدار هُنَ جو.
چاڙهي پنيءَ تي باندر کي نِتِ،
سئر ڪرڻ لئہ ويندو هو.
مانگرمڇ پڻُ ڦل ڦول کائي،
بيحد گدگد ٿيندو هو.
مانگرمڇ ڪجھہ ڦل هڪڙي ڏينهن،
زال جي خاطر گهر کڻي آيو.
باندر سان ياريءَ جو سمورو،
حال اَچي هُن جوءِ کي سڻايو.
ڦل کائي جوڙَسِ فَرمايو،
مِٺَن ڦَلَنِ آ مَنُ لَلِچايو.
دِلِ گھُرجي باندر جي مونکي،
هوندو جنهن ۾ ميٺاج سَوايو.
مانگرمَڇ هُنَ کي سَمجھايو،
پَنهنجو هَرِڪو حيلو هلايو.
زال جي آخر ضِدَ جي خاطِر،
باندر وَتِ هوُ ڊوڙندو آيو.
چيائين باندر يار هلي آ،
هل تہ هلي گهَرِ کائون ماني.
مُنهنجي زال آ توکي سَڏايو،
دير نہ کر آءُ، دِلبر جاني.
مانگرمڇ جي پُٺيءَ تي ويهي،
باندر پَنهِنجو عَقُلُ هلايو.











وچ ندي ۾ پُڇياائينس هَلندي،
ڇا لاءِ پاپيءَ اَڄ آ گهرايو.
مانگر مڇ سچو حال سڻايو،
زال کيو آ مونسان ماڻو،
دل تنهنجي آ مِني ڦلن جي،
دِل تنهنجيءَ آ کيو ويڳاڻو.
ڪلي چيو ’اَڙي مورکَ مانگر،
اُتي اِهو تو ڇو نہ ٻُڌايو.
دِل وَڻَ تي اَٽڪيل آ مُنهِنجي،
ناحَقُ تو آ وَقتُ وڃايو؟
مانگر مڇ جَهِت طرفُ مَٽايو،
وڻ وت باندر کي پَهُچايو.
باندر ٽپ ڏئي وڻ تي وينو،
اُتان ويهي مانگر کي سُڻايو.
’مڄوُ تون مانگر، جوءِ جو آهين،
ياريءَ کي ٿو خوب لڄائين.
مطلب سان پُرِ تُنهنجو مَنُ آ،
تَڏهن بہ خود کي ٿو يار سَڏائين!
مانگر شَرَمَ سان سِرُ جُهڪايو،
دِلِ ئي دِل ۾ هُنَ پَڇِتايو.
غَلَطيءَ جو اَحساس ڪري هُن،
زال کي يارَ جو حال سُڻايو.
ٻارو سِکجو سَبق اَوهان پِي،
سَچي دوست کي مٽان وِڃايو.
مطلب خاطِر مانگر وانگرُ
پنهنجي ياري مَٽان ڦِٽايو.

## نوان لفظ :

نِتِ - هميشهہ
للچائڻ - هِرکائڻ
گدگد ٿيڻ - خوش ٿيڻ
ماڻو - نخرو
ويڳاڻو - اُداسُ
پُر - پريل
حيلو هلائڻ - ڪوشش ڪرڻ
مَڄوُ - غُلام
ناحَقُ - اَجايو
سئر ڪرڻ - گهُمڻ

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا هڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

۱) باندر ڪٿي رهندو هو؟
۲) باندر جو دوست ڪير هئو؟
۳) مانگرمڇ گدگد ڇو ٿيندو هو؟
۴) مانگرمڇ باندر کي نديءَ جو سئر ڪيئن ڪرائيندو هو؟
۵) مانگرمڇ جي زال ڇا جي گهُر ڪئي؟

**سوال ۲ : هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

۱) مانگرمڇ جي زال باندر جي دِل جي گهُر ڇو ڪئي؟
۲) باندر پنهنجي جان ڪيئن بچائي؟

**سوال ۳ : بيت جون سِٽون پوريون ڪريو :-**

۱) ڦل ڪائي جوڙس ................ ، ................ . ميٺاج سوايو.
۲) مانگرمڇ سچو ................ ، ................ ڪيو ويڳاڻو.
۳) ٻارو سڪجو ................ ، ................ . متان ڦٽايو.

**سوال ۴ : هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ ٻڌايو.**

رهندو، سٽايو، لڄائين، وڇايو

**بيت ماٺ ۾ پڙهو.**

### اَمان

ممتا جي لهرن تي آئي
پيار جي مونکي ڪتا ٻڌائي
رهندي ياد جڳان اَمان
هردم مونکي ياد اَمان

ياد ڪيان خوابن ۾ ايندي
مهر ميا جو هٿ ڦيريندي
آءُ سندس ڏنيواد مڃان
هردم مونکي ياد اَمان

گهوري پنهنجو جيون سارو
ته اونهارو - سخت سيارو
هن سندر جو ناءُ اَمان
هردم مونکي ياد اَمان



# ماٺ ۾ پڙهو



گرونانڪ ديو جو جنم سنہ 1469 ۾ پنجاب جي تلونڊي ڳوٺ ۾ ٿيو. گرونانڪ ديو پنهنجي پتا ڪالوراءِ جو اَڪيلو پٽ هو. هن جي وڏي ڀيڻ جو نالو نانڪي هو. نانڪيءَ پُنيان ئي سندس ڀاءُ تي نانڪ نالو رکيو ويو.

نانڪ ننڍپڻ کان ئي ايشور ڀڳتيءَ ۾ مڳن رهندو هو. غريبن جي لاءِ هن جي دِل ۾ اَپار ديا ڀريل هُئي. هن کي جيڪي بہ ملندو هو، اُهو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪالوراءِ جي مرضي هُئي تہ سندس سڪيلڏو پُٽُ دنيوي ڳالهين ۾ هوشيار ٿئي سو هن کي کيتيءَ جو ڪم ڏنائين پر اُتي بہ هو پسُن ۽ پکين کي اَناج کائڻ ڏيندو هو. وري کيس واپار لاءِ ڪجهہ پئسا ڏنائين پر اُهي پئسا بہ هن غريب ساڌن کي کارائڻ تي خرچ ڪري ڇڏيا. اِهو حال ڏسي پتا کي چنتا وٺي ويئي. سو نانڪي سندس ڀيڻ کيس پنهنجي ساهرن سلطانپور ۾ وٺي ويئي. اُتي نانڪيءَ جي پتيءَ ڀائي جيرام جي چوڻ تي سُلطانپور جي نواب، نانڪ کي سرڪاري مودي خانو سنڀالڻ جو ڪم سنپيو. اُتي اَناج توريندي هڪ ڏينهن نانڪ ’تيرهن‘ اَنگ چوندي مستيءَ سان ڀرجي ويو ۽ مئن تيرا هوُن (مان تنهنجو آهيان) جپڻ لڳو. اِن واقعي کان ٿورو ئي عرصو پوءِ هو گهر ڇڏي ڀڳتي مارگ ۾ لڳي ويو. هن ڀارت جي سڀني مشهور تيرٿن جي ٽي دفعا ياترا ڪئي. اِنهيءَ رٽن ۾ هن هميشهہ سڀني ڌرمن جي ايڪتا تي زور ڏنو. هن لوڪن کي اَجاين ڳالهين کان پري رهڻ جي سکيا ڏني. هن هميشهہ محنت سان ڪمائڻ سداچار ۽ سدا وهنوار تي زور ڏنو.

گرونانڪ ديو کي سِکہ ڌرم جو پهريون گرو ڪري مڃيو ويندو آهي. هِن جي لکيل ٻاڻيءَ مان اَڄ بہ کيس ماڻهن کي سچو اِنسان بڻجڻ جي پريرڻا ملندي آهي.

# ٢٢. تُلسي ٻوٽو



ڀارت ديش ۾ تُلسي ٻوٽي جي وڏي اَهميت آهي. هي هڪ عام ٻوٽو آهي. ڪيترن ئي ڌَرمَنِ ۾ تُلسي ٻوٽي کي پَوتر مڃيو ويندو آهي. تُلسي ٻوٽي جا پن ۽ پاڙون ڪيترين ئي بيمارين ۾ دَوا طور ڪم ايندا آهن.

وِگيانين تُلسي ٻوٽي تي تَمام گهَڻيون کوجنائون ڪيون آهن. اُنهن کوجنائن موجب تُلسي ٻوٽو اَسان جي صحت لاءِ ڏاڍو مُفيد ٻوٽو آهي. ساڳئي وقت اُن ۾ ڪيترائي قوت بخش جُزا سَمايل آهن. تُلسي ٻوٽي مان ڪي خاص دوائون تيار ڪري سگهجن ٿيون. جيڪي گوڏن ۾ سوُر ۽ بَدَنَ ۾ سوڄ جَهِڙين بيمارين لاءِ ڏاڍيون ڪارِگَرُ مڃيون وينديون آهن.

اِنگلنڊ ۾ ٿِيل خاص، صِحَت جي اِجلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ تُلسي ٻوٽو ٻُڍاپي کي روڪڻ ۾ مَددگار ثابِت ٿي سگهي ٿو. اِن ٻوٽي جو سَتُ اَسانجي جيري، مَغزَ ۽ دِلِ ۾ پيدا ٿيندڙ نُقصانڪار پَرماڻن کي ماري، ڪيترين ئي بيمارين کان بچائي ٿو.

اَسانجي سَرير ۾ ڪيتريون ئي ڪيميائي ڪريائون ٿينديون آهن. اُن سبب ڪيترائي پدارٿ آڪسيجن سان ملي کي نُقصانڪار پدارٿ ٺاهيندا آهن. تلسي ٻوٽي ۾ هڪ خاصُ گُڻُ آهي. جيڪو اِنهن نقصانڪار پَدارٿن کي پيدا ٿيڻ کان روڪي ٿو.

تلسيءَ جا پن ڻَڏَ، ڪنگهہ، مٿي جي سوُر ۽ بدهضمي دوُر ڪرڻ ۾ بہ اِستعمال ڪري سگهجن ٿا.

تُلسي ٻوٽي بابت اِهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪنهن جيت جي ڏنگَڻَ جي حالَتِ ۾ تُلسي جا پَنَ چَٻاڙبا ۽ ڏنگيل هَنڌ تي بہ رکبا تہ سوُر ۾ ڪافي راحَت ملندي ۽ زَخَمُ بہ جلد ڇُٽندو.

تلسي ٻوٽي ۾ ڪاڏي جا مکيہ بَناوتي جُزا ڪاربوهئڊريٽس، سَٽُپ ۽ پروٽين ڪافي اَنداز ۾ سَمايل آهن. تنهن ڪانسواءِ هن ۾ وٽامن ’اي‘ ۽ وٽامن ’ڪي‘ جي موُجودگي آهي. تُلسي ٻوٽي ۾ مئگنيشم، لوهہ ۽ ڪئلشم جهڙا معدني لوڻ بہ پرپور اَنداز ۾ هوندا آهن.

**نوان لفظ :**

مُفيد - فائديمند　　قوت - طاقت　　صحت - تندرستي

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) تُلسي ٻوٽو ڪهڙين بيمارين ۾ ڪارگر مڃيو وڃي ٿو؟
۲) تُلسي ٻوٽي جو ست ڪهڙن نقصانڪار پرماڻن کي ماري ٿو؟
۳) ڪهڙا معدني لوڻ تُلسي ٻوٽي ۾ ڀرپور اَنداز ۾ آهن؟
۴) جيت جي ڏنگڻ جي حالت ۾ ڇا ڪبو آهي؟
۵) تُلسي ٻوٽي ۾ ڪاڏي جا ڪهڙا مکيہ بناوتي جزا سمايل آهن؟

**سوال ۲ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اَهميت، پوتر، گڻ، راحت، ڪارگر

**سوال ۳ : هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

پوتر، خاص، گڻ، راحت، نقصانڪار

**سوال ۴ : هيٺين جون صِفتون لکو :**

ڀُڏاپو، ڏرم، صحت، گڻ

## پورڪ اَڀياس

۱) تلسي ٻوٽي مان ڪيترين ئي دوائون ٺهي سگهن ٿيون. اِها ڄاڻ توهان حاصل ڪئي. اَهڙيءَ ريت اَهڙن ٻين ٻوٽن جي بہ ڄاڻ حاصل ڪريو. جن مان جدا جدا بيمارين لاءِ دوائون ٺهي سگهن.

۲) تلسي ٻوٽو سبق مان اُهي لفظ ڳولهيو جيڪي وڳيان وشيہ سان لاڳاپو رکن ٿا.

۳) توهان پنهنجي شهر ۾ ڪنهن باغ ۾ وڃي ٻوٽن ۽ وڻن جا نالا گڏ ڪريو ۽ هيٺ ڏنل ياداشت موجب ورهاست ڪريو.



| پوٽا | وڻ |
|---|---|
| | |

# ٢٣. نيڪ اِرادو



دولترام نالي هِڪُ سيٺ هو. ڏڻيءَ جي هُن تي مِهرَ هئي. هُن وٽ نوڪر چاڪر، باغ باغيچا، موٽر ڪارون، ڪارخانا ۽ دولت جا ڍير هئا. دولترام دَيالو ۽ ڌَرماتما هئو. هو دِلِ کولي دانُ ڪندو هو. غَريبن ۽ مُحتاجَنِ جي مدد ڪندو هو. هن ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ تمام سٺي اِسپتال ٺهرائي هئي. اِسپتال جي ٻاهران پاڻي پيئڻ جا مَٽ بہ رکيل هوندا هئا. ٿَڪل ٽُٽَل ۽ اُڃايل مسافر ٿڌو پاڻي پي ڪري اُڃ مٽائيندا هئا. سيٺ جا نوڪر روز مَٽ صاف ڪري پاڻي ڀري رکندا هئا. مٿان ململ جو ڪپڙو آلو ڪري رکندا هئا جيئن پاڻي ٿڌو رهي.

سيٺ دولترام ريلوي پرسان جانورن لاءِ پاڻيءَ جو حوضُ بہ ٺَهرايو هو. گهوڙا، ڳانيون، مينهون، ڏاند ۽ ٻيا جانور اُتي اَچي پاڻي پيئندا هئا. دولترام گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ هڪ ديالو اِنسان هو. ڳوٺ ۾ رهندڙ سَڀُ سَندَس عِزَت ڪندا هئا. ٻلا ٻارن جو اِن سان ڪَهِڙو واسطو، ٻار تہ پنهنجي دُنيا ۾ هوندا آهن. شنڪر جي بہ پنهنجي دنيا هئي.

شنڪر جڏهن اِسڪول مان گهر موٽندو هو تہ واٽ تي اِسپتال ايندي هئي. پاڻيءَ جا مٽ ڏسي سندس شَرارتي دِماغ ۾ ڪُجهہ ڪرڻ لاءِ هَلچَل ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن هن شرارت وچان ڳُليل سان پٿر هَڻي مَٽَ ۾ ٽُنگُ ڪري ڇڏيو. مَٽَ جو سڄو پاڻي وهي ويو. شنڪر چوڪيدار جي اَچڻ کان اَڳہ ئي اُتان ڀڄي ويو. هاڻي شنڪر مَٽ ڀَڃَڻَ جو نيم ٺاهي ڇڏيو. روز لِڪي، ڳُليل سان نِشانو هڻي، مَٽُ ڀڃندو هو. اِسپتال جا نوڪر چاڪر ۽ چوڪيدار پريشان هئا. هو روزُ نئون مٽ آڻيندا هئا ۽ ٻئي ڏينهن اُهو ڀڳو پيو هوندو هو. دولترام کي بہ اِن ڳالهہ جي خبر پَئجي ويئي. نوڪرن چاڪرن پڻُ هُنَ شَرارتي ٻار کي پڪڙڻ جو پڪو اِرادو ڪيو. چوندا آهن نوانوي ڏينهن چور جا تہ هڪ ڏينهن ساڌ جو. سيٺ جي نوڪرن شنڪر کي ڳُليل سوڌو پڪڙي ورتو.

نوڪَرَ، شنڪر کي سيٺ دولترام وٽ وٺي آيا. شنڪر ٿَرٿَر ڪُنبَڻَ لڳو. هُنَ جو ساهہ مُٺِ ۾ هو. نوڪرن چيو، ”هي آهي اُهو شرارتي ڇوڪرو جيڪو روز پاڻيءَ جو مَٽ ڀڃي نُقصان ڪندو آهي.“



سيٺ شنڪر ڪان پڇيو، ”تون پاٽيءَ جا مٽ ڇو ڀڃندو آهين؟ توکي اِن مان ڪهڙو فائدو ملندو آهي؟“

شنڪر اَهڙو ڪُڇي جَهِڙي پِٽ.

سيٺ وري چيس، ”توکي ڄاڻ آهي؟ جيڪي مٽ تون ڀڃندو آهين اُنهن مَٽن جو پاڻي ڪيترن مُسافرن جي اُڃ مِٽائيندو آهي. مان توکي هررُوز هڪ روپيو ڏيندس تون مَٽ نه ڀڃُ. هن هڪ روپيو ڪڍي شنڪر کي ڏنو. شنڪر ڏاڍو شرمسار ٿيو. هن سيٺ ڪان هڪ روپيو ڪونه ورتو. هن چيو، ”مان آئينده اَهڙو ڪَمُ نه ڪَندُس.“

سيٺ دولترام کيس چيو ته، ”تون مون ڪان هررُوز هڪ روپيو وَٺندو ڪر ۽ اُهو روپيو تون دان پيٽيءَ ۾ وجهندو ڪر، جيڪو ڏن غريبن ۽ مُحتاجن جي ڪَم ايندو آهي. تون به اِن نيڪ ڪم ۾ شامل ٿيءُ.“ شنڪر سيٺ کي جواب ڏنو، ”ضرور، مان اِن نيڪ ڪم ۾ ضرور شامل ٿيندس. پر مان اِهو هڪ روپيو پنهنجي خرچي مان بچائي وجهندس.“



شنڪر اُن ڏينهن ڪان پوءِ نيم سان دان پيٽيءَ ۾ هڪ روپيو وِجهندو هو. سيٺ جي پيار سان سمجهائڻ سبب شنڪر جي من ۾ ڦيرو اَچي ويو.

## نوان لفظ :

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحتاج - موهتاج | اُڃايل - پياسو | ديالو - مهربان | شرارتي - شيطان |
| اِرادو ڪرڻ - پڪ ڪرڻ | شرمسار - لڄي | من ۾ ڦيرو اَچڻ - بدلجي وڃڻ | |

## اَڀياسُ

### سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.

١) دولترام وٽ ڪهڙي ملڪيت هئي؟
٢) ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ سيٺ ڇا ٺهرايو؟
٣) ڳوٺ وارا سيٺ جي عزت ڇو ڪندا هئا؟
٤) شنڪر جي دماغ ۾ ڪهڙي هلچل ٿيندي هئي؟
٥) سيٺ دولترام شنڪر کي ڇا چيو؟
٦) شنڪر جي من ۾ ڦيرو ڪيئن آيو؟

### سوال ٢ : هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟

١) ”هي آهي اُهو شرارتي ڇوڪرو.“
٢) ”تون پاڻيءَ جا مَٽ ڇو ڀڃندو آهين؟“
٣) ”مان آئينده اَهڙو ڪم نه ڪندس.“

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

ٿڌو، عزت، نقصان، گهٽ، ڏينهن

**سوال ۴ : هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اِرادو ڪرڻ، اُڃ مِٽائڻ، ٽِر ٽِر ڪُنبڻ، من ۾ قيرو اَچڻ، ساهه مُٺ ۾ اچڻ

**سوال ۵ : هيٺين لفظن مان ظرف سڃاڻو :**

١. اِسپتال جي ٻاهران پاڻي پيئڻ جا مٽ ڀرَ رکيل هوندا هئا.
٢. شنڪر جڏهن اِسڪول مان گهر موٽندو هو تہ واٽ تي اِسپتال ايندي هئي.
٣. شنڪر ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو.
۴. هي اُهو شرارتي ڇوڪرو آهي جيڪو روز پاڻيءَ جا مٽ ڀڃي ڇڏيندو آهي.
۵. شنڪر ڏاڍو شرمسار ٿيو.

**هدايت :** ماسٽر شاگردن کي سيٺ دؤلترام جهڙي ٻئي ڪنهن ڪُٽوان شخص بابت ٻڌائيندو.

**مشغولي :** ١) ماسٽر شاگردن کي سيٺ دولترام جي خاصيتن بابت، گهران هڪ پئراگراف لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

٢) ”اَهڙو ڪُڇي جهڙي پت“ اِهو هڪ چوڻيءَ جو مثال آهي ماسٽر شاگردن کي الڳ الڳ چوڻيون گڏ ڪري لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**١. هيٺين ڪمن کي وَڻندڙ ۽ اَڻ وڻندڙ ۾ وِرهايو :**

١. دانُ ڪرڻ
٢. اِسپتال ٺهرائڻ
٣. غَريبن ۽ مُحتاجن جي مدد ڪرڻ
۴. گُليل سان مٽ ٽوڙڻ
۵. ٻِين کان پئسا وٺي دان ڪرڻ
٦. خرچيءَ مان پئسا بچائڻ
٧. مسافرن جي اُڃ مٽائڻ
٨. نيم تي هلڻ
٩. شرارت ڪرڻ

**٢. توهان ڪهڙا سنا ڪم ڪرڻ چاهيندا اُنهن جي ياداشت ٺاهيو (گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ)**

١. ..............................
٢. ..............................
٣. ..............................
۴. ..............................
۵. ..............................
٦. ..............................
٧. ..............................
٨. ..............................
٩. ..............................
١٠. ..............................



# ماڻ ۾ پڙهو

ايشور، سرشٽيءَ ۾ بيشمار پِراڻي پئدا ڪيا آهن. اِنهن پراڻين جا مکيہ طبقا آهن، اِنسان، پسون ۽ پکي. پکين جا تمام گهڻيئي قسم آهن. سندن رنگہ ۽ روپ ڏسي، راڳہ ۽ آلاپ ٻڌي ٻار، جوان خواه ٻُڍي کي موڄ اَچي ٿي. پکي سنسار سُکدائڪ ۽ سِکياداِئڪ آهي. سندن عادتون عجيب آهن. پکي، پرڀات جو سجاڳہ ٿيندا آهن. جيئن ئي صبح ٿئي ٿي تيئن پنهنجو آکيڙو ڇڏي وڻن تي ويهي منڙا ٻول ٻولي پوءِ چوڳو چُڳڻ لاءِ ڦِرندا آهن. پکين کي جيڪو بہ مليو، جتي بہ هٿ آيو سو کائن کي بہ کٽا داڻا ميڙي کين رکن.

پيٽ ڀري وري وڃي وڻن تي وهن يا باغن ۾ وڃي ميوي جي وٽ ڪن، لامن تي لُڏن، خوشيءَ جا گيت ڳائن ۽ پاڻ ۾ کيل تماشا ڪن. اِن ريت سڄو ڏينهن راند ۽ خوشيءَ ۾ گذاري سڄ لهڻ ويل وڃي آرامي ٿين ٿا.

پکين جا آکيڙا بہ ڪاريگريءَ جي ساک ڏيندا آهن. ڪکن، پنن ۽ ڏاڳن مان کهڙي نہ پُختي ۽ عُمدي بناوت وارا آکيڙا ٺاهن ٿا. پکي پنهنجا آکيڙا صاف رکن ٿا. هو اُتي وِنيون کين لاهين ٿا. رڱو رهن ٿا. آنا لاهين ۽ ٻچڙن کي نپائين ٿا. پکين ۾ شناس بہ جهجهي آهي. دُشمن جو خطرو پريان ئي محسوس ڪندا آهن. مؤسم جي تبديل، برسات، طوفان، زلزلي جي اَڳوات ڄاڻ پوندي اَٿن. طوفان يا برسات جا آثار ڏسي تِکو تِکو اُڏامي آکيڙن ۾ وڃي لِکندا آهن. پکين جي لڏپلاڻ بہ عجيب آهي. پهاڙي يا ٻين سرد هنڌ جتي سياري ۾ برف پوندي آهي اُتان گهڻو ڪري سپ پکي نومبر ۽ ڊسمبر مهنن ۾ برف پوڻ کان اَڳہ اُڏامي گرم هنڌن يا هيٺ ميدانن ڏانهن ويندا آهن. اِن لڏپلاڻ ۾ سوين ڪلوميٽر يڪساهي اُڏامندا آهن. اَڪثر پکي رات جي وقت لڏپلاڻ ڪندا آهن. ۽ سياري گذرڻ ڪانپوءِ بهار ۾ لڏي وري پنهنجي اَصلوڪي جڳهہ تي موٽندا آهن.



# ٢٤. جاڳ مسافر



سُستي تياڳ جاڳ مسافر،
ڳاءِ خوشيءَ جا راڳ مسافر.

١. ڏينهن هجي يا ڪاري رات
سوڪ هجي چاهي برسات
منزل ته ملڻي آهي ضروري
ڪٺنايون ڪي ملنديون مات
رک تون آشا پنهنجي من ۾، کلندا تنهنجا ڀاڳ مسافر...

٢. بادل بجليون توکي ڏڪائن
جهر جهنگ جا جي جيو ستائن
ندر بڻي تون اڳتي وڌجانءِ
چاهي ڪنڪر پير پڇائن
نااُميدي تياڳي ڪري تون، هلجان پنهنجي ماڳ مسافر...

٣. رڪڻ واري جو ڪوئي نه ساٿي
هلڻ واري جو هرڪو ساٿي
روئڻ تي ڳوڙها ڪونه اُگهي ڪو
کلڻ واري جو هرڪو ساٿي
مشڪل ۾ پي منهنجا منڙا، ڳائج هردم راڳ مسافر ....

**نوان لفظ :**

ڪننايون - ٽڪليفون　　ڏڪائڻ - ڏيکارڻ　　ڳوڙها اُگهڻ - آٿت ڏيڻ

ڪنڪر - پٿر　　پيرَ - ڏکيائي

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :**

۱) شاعر اَسان کي ڇا ڇا جو تياڳ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟

۲) ڪنهن ڪنهن جو ساٿي هرڪو آهي؟

۳) شاعر موجب اَسانجا ڀاڳ ڪيئن کلندا؟

۴) اَسانکي ڪهڙين حالتن ۾ اَڳتي وڌڻو آهي؟

**سوال ۲ : هيٺين ۾ خال ڀريو :**

۱) ڳاءِ .......... جا راڳ مسافر.

۲) .......... ٻڌي تون اَڳتي وڌجانءِ.

۳) .......... واري جو ڪوئي نه ساٿي.

۴) رک تون .......... پنهنجي من ۾.

**سوال ۳ : هيٺيون بيت جون سٽون پوريون ڪريو :**

۱) ڏينهن هجي .................... کلندا تنهنجا ڀاڳ.

۲) رکڻ واري .................... ڳائج هردم راڳ.

**سوال ۴ : بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا جوڙا ڳولهي لکو :**

مثال : جاڳ - راڳ

L9DZ7H

**هدايت :** ماستر شاگردن کي بيت سُرتال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ اُنهن کان چوائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ٻن مهاپرشن جي همت جا قِصا گهران لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

## واندڪائي جي وندر

**مڇي ۽ اُن جا ٻچا**

مڇي پنهنجن ٻچن کي ڳولهي رهي آهي. ٻچا ماءُ وٽ وڃڻ چاهين ٿا. توهان اُنهن کي رستو ٻُڌائي پڇ جو ڪم ڪري سگهو ٿا.



# ٢٥. سفيد هنس



ڪنهن ڳوٺ ۾ مهاديو نالي هڪ ڪڙمي رهندو هو. شاهوڪار ته هو پر ڏاڍو سست به هو. نه هو پنهنجي کيتيءَ جي سنڀال ڪرڻ ويندو هو ۽ نه وري پنهنجي گدام جي ڪا سنڀال ڪندو هو. هن کي چڱيون ڳانيون، مينهون هيون، جيڪي ڳئوشالا ۾ رکيل هيون. اُنهن جي سنڀال به ڳوالن جي حوالي هوندي هئي. گهر ڌڻيءَ به سندس رخ لاپرواهيءَ وارو هو. سڀ ڪم نوڪرن تي ڇڏي ڏنو هئائين. هن جي سستيءَ ڪري سندس گهرجي حالت بگڙجي ويئي. ٻنيءَ ۾ نقصان پوڻ لڳس. ڳانين ۽ مينهن جي کير ۽ گيهه مان هن کي ڪو خاص فائدو ڪونه ٿي پيو. هو ويو ٿي ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندو.

هڪڙي ڏينهن مهاديو جو سنگتي نانڪ هن جي گهر آيو. نانڪ مهاديو جي گهر جو حال ڏٺو ته ڏاڍو ڏک ٿيس، جو سندس متر کي سستيءَ ڪري هيڏو نقصان ٿي سهڻو پيو. هن محسوس ڪيو ته سڌي طرح سمجهائڻ سان شايد سست مهاديو پنهنجو سڀاءُ نه بدلائي اِنهيءَ ڪري هن پنهنجي دوست جي ڀلائيءَ لاءِ کيس چيو، ”دوست، تنهنجي حالت ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي، تون ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندو ٿو وڃين. اُن حالت کي دور ڪرڻ جو هڪ سولو اُپاءُ مان ڄاڻان ٿو.“

مهاديو چيو، ”ڀلائي ڪري اُهو اُپاءُ مونکي ٻڌاءِ. مان اُهو ضرور ڪندس.“

نانڪ چيس، ”ٻڌ! صبح جو پکين جي جاڳڻ کان اڳه مانسروور تي رهندڙ هڪ سفيد هنس هتي ايندو آهي ۽ ٻن پهرن جو سج چڙهندي واپس هليو ويندو آهي. اِها ته مونکي به خبر ڪانهي ته هو ڪيڏي مهل ۽ ڪٿي هوندو، پر مان ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته جيڪو اُن جو درشن ڪري ٿو، تنهن کي ڪنهن به ڳالهه جي ڪمي نه ٿي رهي.“

مهاديو چيو، ”چڱو ته پوءِ ڪجهه به هجي، مان اُن هنس جو درشن ضرور ڪندس.“

”ڏس ڪوشش ڪر، متان نصيب زور هجيئي.“





ائين چئي نانڪ هليو ويو.

مهاديو ٻئي ڏينهن پرڀات جو اُٿيو. هو گهران ٻاهر نڪتو ۽ هنس جي ڳولها ۾ هلندي گدام ڏانهن ويو. اُتي ڏنائين ته سندس مزورن مان ڪوئي سندس اناج چوري ڪري ڪٽي وڃي رهيو هو. مهاديو کي ڏسي هو شرمسار ٿيو ۽ ڪانئس معافي ورتائين.

گدام مان ٿي هو گهر موٽيو ۽ گئوشالا ڏانهن ويو. اُتي جي گوال ڳانءِ جو کير ڏهي، پهرئين پنهنجي زال کي لوٽو ڀري ٿي ڏنو. مهاديو هن کي ڇينڀيو. گهران نيرن ڪري هنس جي ڳولها ۾ وري نڪتو. پر هن کي هنس ڪٿي به نظر نه آيو.

ٻئي ڏينهن به صبح جو سوير اُٿي سفيد هنس جي ڳولها ۾ گهمندي گهمندي کيتن تي آيو. هن ڏٺو ته ڪافي سج چڙهي اچڻ ڪان پوءِ به مزور اجا ڪم تي نه آيا هئا. هو اُتي بيهي رهيو. جڏهن مزور آيا تڏهن هنن کي دير سان اچڻ ڪري ڊوراپو ڏنائين. اهڙيءَ طرح هو جتي جتي ويو ٿي اُتي ڪنهن نموني هن جو نقصان ٿيڻ ڪان بچي ٿي ويو.

سفيد هنس جي ڳولها ۾ مهاديو هرروز صبح جو سوير اُٿڻ ۽ گهمڻ لڳو. سندس نوڪرن کي ڊپ لڳو ته ڪنهن به وقت سندن سيٺ اچي سهڙندو. سو اُنهيءَ ڊپ ڪان هو لاپرواهي ڇڏي سچو ڪم سنجيدگيءَ سان ڪرڻ لڳا. چوري ٿيڻ بند ٿي ويئي. هوُ سست رهڻ ڪري بيمار گذاريندو هو. هينئر گهمڻ ڦرڻ سان هن جي صحت به نيڪ ٿي ويئي. جنهن کيت مان هن کي ڏهه ڪئنٽل اناج ملندو هو. اُنهيءَ مان هاڻي پنجويهه ڪئنٽل ملڻ لڳا. گئو شالا مان کير به اڳي ڪان جهجهو اَچڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن وري مهاديو جو دوست نانڪ هن جي گهر آيو. مهاديو چيس، ”يار! سفيد هنس ته اجا تائين مونکي نظر نه آيو آهي، پر اُن جي ڳولها ۾ جڏهن ڪان ويو آهيان تڏهن ڪان مونکي فائدو ئي فائدو پيو آهي.“

نانڪ کليو ۽ چيائين ته، ”محنت ئي اُهو سفيد هنس آهي. محنت جا پنکه هميشهه اوجل هوندا آهن. جيڪو محنت نٿو ڪري، پنهنجو ڪم نوڪرن تي ڇڏي ٿو ڏئي، اُن کي نقصان سهڻو ٿو پوي. جيڪو پاڻ محنت ٿو ڪري، نوڪرن تي نظرداري رکي ٿو، اُهو ڌن ۽ دولت، عزت ۽ مان پائي ٿو.



**نوان لفظ :**

لاپرواهي - بي پرواهي        اُپاءُ - علاج        سنجيدگي - خبرداري، گنڀيرتا

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) مهاديو پنٽي ڇو پوندو ويو؟

٢) نانڪ مهاديو کي ڪهڙي صلاح ڏني؟

٣) مهاديو پوءِ ڇا ڪيو؟

۴) مهاديو جي نوڪرن تي ڪهڙو اثر پيو؟

۵) نانڪ موجب سفيد هنس جي وصف لکو.

**سوال ٢ : هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن :**

١) ”دوست، تنهنجي حالت ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي.“

٢) ”مان اُن هنس جو درشن ضرور ڪندس.“

٣) ”متر، محنت ئي اُهو سفيد هنس آهي.“

**سوال ٣ : هيٺين جا ضد ڏيو :**

شاهوڪار، نقصان، سولو، بيمار، سهڻو

**سوال ۴ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :**

ڀلائي، شرمسار، صحت، محنت، نقصان

**هدايت :** ماستر شاگردن کي سُستيءَ مان ٿيندڙ نقصان کان واقف ڪري، چُستيءَ ۽ ڦڙتيءَ جي اَهميت سمجهائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ٻُڌل ڏنل پڙهيل ۽ آزمايل اَهڙا ٻيا قصا گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١. هن سبق ۾ ڏنل م سان شروع ٿيندڙ پنج ڇهه لفظ لکو. مثال جيئن محنت

٢. هن سبق ۾ هيٺين لفظن لاءِ ڏنل لفظ لکو. مثال :- گهٽيون - ڇڳيون

خراب، نفعو، دوست، لڇي، وڏيڪ

٣. هن سبق ۾ ڏنل اِصطلاح ڳولهي لکو.

## مشغولي

**ڏنل چترن جو ورنن ڪريو.**



# ٢٦. هولي آئي



رنگبرنگي هولي آئي،
ٻارن ڪيڏي ڌوم مچائي!

١) پچڪارين سان رنگ هڻن ٿا،
سانگ ٻڻي پيا خوب وڻن ٿا.
ڳاڙهو، سائو، نيرو، پيلو،
هرڪو ٻالڪ رنگ رنگيلو.
ڇا تہ سِين آ شڪل ٻڻائي،
رنگبرنگي هولي آئي .....

٢) جهڳهڙو ڪن ۽ ناهہ ٻہ ڪن ٿا،
هو هڪ ٻئي تي ساهہ ڇڏين ٿا.
پاڙ ۾ گڏجي ٽولا ناهن،
گيهر ڪائي گد گد آهن.
هرهڪ تي آ مستي ڇائي،
رنگبرنگي هولي آئي .....

٣) شام جو جيئن ئي هولڪا جلي،
نندين وڏن جو ٽولو ملي.
آگ هولڪا جي ٿي دشمن،
پر پرهلاد واسطي گلشن.
جڳ ۾ رهٽي آهي سچائي،
رنگبرنگي هولي آئي .....

**نوان لفظ :**

ڏوم مچائڻ - موج مچائڻ   گد گد ٿيڻ - خوش ٿيڻ   ساھہ ڇڏڻ - قربان وڃڻ   سانگہ - نقلي روپ

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) ٻار هولي ڪيئن ٿا ملهائين؟

۲) هوليءَ تي ٻار هڪ ٻئي سان ڪهڙي هلت هلن ٿا؟

۳) ننڍين وڏن جو ٽولو ڪڏهن ٿو ملي؟

۴) هولڪا جي آگہ ڪنهن لاءِ گلشن بڻي؟

**سوال ۲ : هيٺيون سٽون پوريون ڪريو :**

۱) پچڪارين سان ............ وٽن ٿا.

۲) گيهر ڪائي .......... مستي ڇائي.

۳) پر پرهلاد ...........آهي سچائي.

**سوال ۳ : بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.**

## واندڪائيءَ جي وندر

**ماستر شاگردن کي سنڌي راندين بابت ڄاڻ ڏيندو ۽ راند ڪرائيندو.**



# ٢٧. نئين روشني



نوُر بنا سڀ ڪوڙ آهي. اکين ۾ جوت نه هجي سنسار جي ڪابه چيز ۽ پراڻي يا ڪو جيوُ ڏسي نه سگهجي، اُن کان وڌيڪ مصيبت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

ڪنهن زماني ۾ سوُرداس لکي پڙهي نه سگهندا هئا. هوُ ٻين جا محتاج هوندا هئا. اِهو ڏٺو ويو آهي ته جيڪنهن کي ڪو حواس نه هوندو آهي ته قدرت اُن حواس جي ڪميءَ جي پوُرائي ٻين حواسن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ سان ڪندي آهي. اوهين ڏسندا ته سوُرداسن جا ڇهڻ ۽ ٻڌڻ جا حواس ٻين ماڻهن جي حواسن کان وڌيڪ تيز هوندا آهن. انهيءَ ڪري يورپ ۾ ورهين کان اِها ڪوشش پئي ٿي آهي ته اُنهن کي پڙهڻ، ڇهڻ جي رستي تعليم ڏني وڃي. اول اُنهن لاءِ خاص ڪتاب جوڙيائون، جن ۾ رواجي آئيويتا جا ٻاهر اُڀريل اکر ٿلهي پني تي ڇپايائون، جيئن هوُ آڱرين سان ڇهي، اُهي اکر سڃاڻي سگهن. ڪي ورهيه ته سوُرداسن کي اهڙن ڪتابن جي مدد سان پئي پاڙهيائون.

اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري هڪ فرينچ ودوان، لوُئي بريل نالي سورداسن کي سيکارڻ جو هڪ نئون



رستو ايجاد ڪيو. هُن ٽبڪن رستي سيکارڻ جي هڪ نئين تجويز ناهي جنهن کي ”بريل سرشتو“ سڏجي ٿو. اُنهيءَ سرشتي موجب ڇهه ٽبڪا ڪٽي اُنهن کي اهڙن جدا جدا نمونن ۾ ناهي ٿا ٻيهارين جو سڀ اکر ٺهيو پون. پوءِ اُهي ٿلهي پني تي اُڀريل ڇٽ وانگر ڇپي، سوُرداسن کي سيکاريا ٿا وڃن. سوُرداس انهيءَ رستي ڇهڻ سان نه رڳو اکر پر لفظ پڻ سڃاڻڻ سکن ٿا. آهستي آهستي هوُ اهڙيءَ ريت ڇپيل ڪتاب لَس ئي لَس پڙهي سگهن ٿا.

اَڳي سوُرداس اَگيان جي اونده ۾ گهاريندا هئا. لوُئي بريل جي ايجاد ٿيڻ سان اَڄُ لکين سوُرداس اِنهيءَ اونده جي ٻنيءَ کان ٻاهر نڪري، سوجهري ۾ اچي رهيا آهن ۽ سندن جيون سڪيارٿو ٿي رهيو آهي.

بريل آئيويتا ۾ سوين ڪتاب نڪري چُڪا آهن. انهيءَ آئيويتا رستي وشيه سکي سگهجي ٿو. اڄ جي زماني ۾ اُتساهيءَ اورچ سوُردار لاءِ اعلي تعليم حاصل ڪرڻ مشڪل نه آهي. دنيا ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل سوُرداس آهن. جن پنهنجيءَ قدرتي رنڌڪ



تي جيت پاتي آهي ۽ سماج ۾ پاڻ کي ڪارائتو ثابت ڪيو آهي. ڪيترن ئي ديسن ۾ سُورداسن پروفيسر ناميارا ليکڪ ۽ گڻوان سنگيت آچاريہ ملندا.

اَوهان هيلن ڪيلَر جو نالو تہ ٻڌو هوندو. هوءَ اَڃا ڏيڍ ورهيہ جي هئي تہ کيس سخت بخار ٿيو. ان ڪري سندس اکين جي روشني هلي ويئي. اکين ۾ نُور نہ هوندي بہ هُن سنگيت جو اهڙو تہ اوُچ اڀياس ڪيو جو سنگيت اَڏياپڪا ٿي. هوءَ لکڻ پڙهڻ ۾ پڻ اهڙي تہ ماهر ٿي جو هڪ نامياري ليکڪا بڻجي پيئي.

سُورداسن جي سکيا جي ساڌنن ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿي رهي آهي. جنهن جي مدد سان هوُ پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ پيا وڃن.

**نوان لفظ :**

جوڙڻ - ٺاهڻ
اگيان - اڻ ڄاڻائي
ناميارو - مشهور

آئيويتا - الف - ب وار صورتخطي
نُور - اکين جي جوت، نظر
ساڌن - وسيلو

آتم نرڀر - پاڻ تي ڀاڙيندڙ
سڪيارٿو - سڦلو
ٻنيو - چائنٺ

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) اَڄي سورداس کي ديا جو پاتر ڇو ڇيو ويندو آهي؟
٢) ڪنهن به شخص ۾ حواس جي ڪميءَ لاءِ قدرت ڇا ڪندي آهي؟
٣) سورداسن کي يورپ ۾ ڪهڙي نموني پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي؟
٤) ٽپڪن وسيلي سيکارڻ جو نمونو ڪنهن ايجاد ڪيو؟
٥) بريل سرشتي موجب اکر ڪيئن ٺاهيا ويندا آهن؟

**سوال ٢ : هيٺيان خال ڀريو :**

١) ڪنهن زماني ۾ ........... لکي پڙهي نه سگهندا هئا.
٢) هُن ........... جي رستي سيکارڻ جي هڪ نئين تجويز ٺاهي.
٣) هوُ اهڙيءَ ريت ........... ڪتاب لس لس ٿي لس پڙهي سگهن ٿا.
٤) اڄي سورداس ........... جي اوندهه ۾ گهاريندا هئا.
٥) ........... ۾ سوين ڪتاب نڪري چڪا آهن.

**سوال ٣ : هيلن ڪيلرَ ڇا لاءِ مشهور آهي؟ پنجن ڇهن سٽن ۾ سمجهايو.**

**سوال ٤ : هيٺيان جملا پڙهو ٻڌايو ته فعلن جو زمان ڪهڙو آهي :**

١) سوُرداس لکي پڙهي نه سگهندا هئا.
٢) لوئي بريل هڪ نئون رستو ايجاد ڪيو.
٣) دنيا ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل سورداس آهن.
٤) آئينده سورداس پڻ آتم نربر بڻجندا.

**هدايت :** ماستر صاحب ٻارن کي اکين جي اهميت سمجهائڻ کانپوءِ سورداسن جي سکيا بابت ٻڌائي.

**مشغولي :** ماستر صاحب پاٺ پڙهائڻ کانپوءِ سورداس ماڻهوءَ کي ٿيندڙ تڪليفن بابت ڪجهه سوال ٺاهي گهران جواب لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**١. هيلين ڪيلر جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**

**٢. ڪيترن ماڻهن کي اکين جي نظر گهٽ ٿيڻ جي بيماري ٿئي ٿي، اُن جو ڪارڻ لکو ۽ اُن کي ٺيڪ ڪرڻ جا اُپاءَ لکو. (اِن لاءِ پنهنجي مائٽن، ڊاڪٽر، اِنٽرنيٽ جي مدد وٺو.)**

# مشغولي

رستو ګوڵهيو.

ا



۲




किशोर
कथा, कविता, कादंबरीका, एकांकिका,
दीर्घकथा, गंमतगाणी, ललित, छंद, चरित्र,
विज्ञान, देश-देशांतर, लोककथा
लोकप्रिय व अभिरुचिसंपन्न किशोर
मासिकातील चाळीस वर्षांतील
निवडक साहित्यांवर आधारित
'निवडक किशोर'चे १४ खंड
किंमत प्रत्येकी
₹१६३/-
(30% सूट)
वरील खंड पाठ्यपुस्तक मंडळाच्या सर्व भांडारांत विक्रीसाठी
उपलब्ध आहेत. १४ खंडांची एकूम किंमत ₹ १६००/-
किशोर
वरील खंडांच्या खरेदीसाठी मंडळाच्या पुढील विभागीय भांडारांशी संपर्क साधा.
पुणे (०२०- २५६५९४६५), मुंबई (गोरेगाव) (०२२-२८७७१८४२), औरंगाबाद (०२४०- २३३२१७१),
नागपूर (०७१२-२५२३०७८/ २५४७७१६), नाशिक (०२५३- २३९१५११), लातूर (०२३८२- २२०९३०),
कोल्हापूर (०२३०- २४६८५७६), अमरावती (०७२१-२५३०९६५), पनवेल (०२२- २७४६२६४५)

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نِرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

₹ 40.00

बालभारती इयत्ता ५ वी (सिंधी)

